# نيڻن ۾ ڏياريون

شبير هاتف

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد

١٤١٢ھ/ ١٩٩٢ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# نيڻ ۾ ڏياريون

II

سيد شبير علي شاه "هاتف"

١٤١٢هه/١٩٩٢ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

نالو: نيٽن ۾ ڏياريون
مصنف: سيد شبير علي شاهه "هاتف"
موضوع: شاعري
تعداد: ٢٠٠٠
سال اشاعت: فيبروري ١٩٩٢ع
قيمت: ٠٠-١٠٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

هيءَ ڪتاب مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پريس، رستم علي سولنگي سنڌي ادبي بورڊ جي آفسيٽ پريس ۾ ڇپيو ۽ پروفيسر محمد بچل پنوهر "محبوب سروري" سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# انتساب

امين منزل جون راتيون سوز جون ۽ ساز جون راتيون
اُهي راتيون تہ بس تي ويون خواب آهستہ آهستہ



خبر نہ آھہ تہ ھاتف ڪٿي وڃايوسين
سندس ڪلام جي رنگينين ڪي ساريون ٿا
غزل جي جان ھو جن جو جمال۔ ھوشربا
انھن حسين پري زادين ڪي ساريون ٿا

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١. ناشر جو نوٽ | محبوب سروري | ٧ |
| ٢. تورا | شبير هاتف | ٨ |
| ٣. خاص راءِ | مخدوم طالب المولىٰ | ٩ |
| ٤. شبير هاتف | غلام محمد گرامي | ١٠ |
| ٥. شبير هاتف: غزل جي آئيني ۾ | علي محمد مجروح | ١١ |
| ٦. شاعري: هڪ مسلسل تخليقي عمل | امداد حسيني | ٢٥ |
| ٧. پيار جو پانڌيئڙو | عنايت بلوچ | ٣٥ |
| ٨. نصير وٽان | نصير مرزا | ٤٣ |
| ٩. پنهنجي پاران | شبير هاتف | ٤٦ |
| ١٠ نعت | | ٥٥ |
| ١١. رباعيون | | ٦١ |
| ١٢. قطعا | | ٦٥ |
| ١٣. غزل | | ٨٧ |
| ١٤. نظم | | ١٧٣ |
| ١٥. سهرا | | ١٩٥ |
| ١٦. چڙوچڙ | | ٢٠٠ |

# ناشر جي طرفان

سنڌي ادبي بورڊ هيستائين سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جا ديوان، ڪُليات ۽ ڪلام شايع ڪري سنڌي ڪلاسيڪي شاعري کي گهڻي ڀاڱي محفوظ ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري جي اشاعت سان گڏوگڏ بورڊ جي چيئرمن محسنِ علم و ادب قبلہ سائين مخدوم محمّد زمان "طالب المولىٰ" جن جي لائق قيادت ۾ پڻ اهڙو فيصلو ٿيو آهي تہ بورڊ جي اشاعت ۾ قادرالڪلام دور حاضر جي معياري شاعرن کي بہ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو وڃي. ڪيل فيصلي جي روشنيءَ ۾ ڪيترن ئي معياري شاعرن جا ڪلام اشاعت جي مختلف مرحلن هيٺ آهن.

سنڌ جي پراڻي ۽ پختہ گو شاعر محترم شبير هاتف جو ڪلام پڻ انهيءَ پروگرام هيٺ شايع ڪري اوهانجي هٿن ۾ پهچايو ويو آهي جيڪو اميد تہ پڙهندڙن لاءِ ذوق جي تسڪين جو باعث ٿيندو.

محترم شبير هاتف جي شاعري تمام مٺي ۽ لذيذ آهي جنهن جو اندازو سندس ڪلام جي عنوان "نيٽن ۾ ڏياريون" مان لڳائي سگهجي ٿو. اميد آهي تہ معزز پڙهندڙن جي ذوق جي تڪميل ٿيندي.

محمد بچل پنوهر "محبوب سروري"

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

# ٿورا

دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان قبلہ طالب المولىٰ سائين جو جن سنڌي ادبي بورڊ جهڙي نامياري اداري مان منهنجي ڪلام جي ڇپائيءَ جو انتظام ڪري منهنجو مانُ مٿاهون ڪيو. جميل الزمان سائين ذاتي دلچسپي وٺي هن ڪتابڙي جي جَلد ڇپائي جو اهتمام ڪيو ۽ ترتيب ۽ بيهڪ لاءِ مفيد مشورا ڏنا. نصير مرزا ۽ نورالهدىٰ جي جاکوڙ کان سواءِ منهنجي ڪلام جو منظرِعام تي اچڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. انهن جا لک ٿورا. خصوصاً مشڪور آهيان نصير مرزا جو جيڪو هن ڪتاب جو مرتب بہ آهي. طالب المولىٰ سائين، امداد، عنايت، مجروح، نصير ۽ نورالهدىٰ منهنجي ذات ۽ ڪلام جي باري ۾ جيڪي بہ لکيو آهي اهو منهنجي لاءِ سَنَد جي حيثيت رکي ٿو. بورڊ جي اُن عملي جو بہ شڪر گذار آهيان جيڪي هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي سان وابسطہ رهيا.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

شبير هاتف

۲۳ آڪتوبر ۱۹۹۱

# خاص راءِ

شبير علي شاه صاحب هالف تنگراڻيءَ
کي سنڌ جي خاندانن ورثي ۾ شاعري
ملي آهي. پاڻ گهڻو ئي ڪجهه لکيو اٿس
تاهم جيڪي به لکيو اٿس (شاعري) اها
بهترين لکت آهي. ان ۾ به
جو ڪجهه آهي ته هالف صاحب
ڀلي پسند جو شاعر آهي ته هو به
يقين الڳ ته بين شاعرن جي به
سنڌي ڪلام اينڊو جي وشندو جيترو
موٽي وڃي ٿو.
هالف صاحب جي شاعري ۾
شاعري جون تقريباً سڀ
خوبيون موجود آهن جيڪي ڪنهن
بهترين شاعر جي ڪلام ۾ هجڻ گهرجن.
آءُ هالف صاحب جي ڪلام کي بلاخر شاعر
داد تحسين ڏيان ٿو.

طالب المولىٰ

15 ڊسمبر 1990ع

هالا

# شبير هاتف

سنڌي ادب ۾ جي نوجوان شاعر ذوقِ جماليات جي ترجماني ڪن ٿا ۽ جن جي شاعري خالص عشقيہ چئي وڃي ٿي، تن ۾ شبير هاتف هڪ منفرد مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس تغزل فني لحاظ سان پنهنجي معاصر نوجوان شاعرن ۾ جنهن بلندي تي پهتل آهي، ان جو داد وڏن وڏن قادر الڪلام استاد شاعرن پڻ ڏنو آهي. سندس غزل عرياني ۽ فحاشي کان پاڪ آهي. تغزل جي زبان نهايت صاف آهي ۽ اسلوب رنگين اٿس. نهايت نازڪ ۽ مغلق مضمونن کي رمز ۽ ڪنايي جي انداز ۾ بيان ڪرڻ تي دسترس حاصل اٿس.

سندس فن کي ڏسڻ کانپوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اگر فن تي رياض ۽ مشق سخن جاري رهيا تہ پوءِ سندس فن دوامي شهرت جو مالڪ ثابت ٿيندو ۽ تڪڙ جي عظمتِ رفتہ کي قائم رکي سگهندو.

غلام محمد گرامي

(مهراڻ شاعر نمبر (١٩٦٩) تان ورتل)

# شبير هاتف غزل جي آئيني ۾

غزل هڪ نهايت مشڪل ۽ منفرد صنفِ سخن آهي. مشڪل ان ڪري ته ان ۾ روايت جي پابندين جو هڪ طويل سلسلو موجود آهي، جنهن کي نباهڻ لاءِ فني ڄاڻ ۽ علمي مهارت جي ضرورت آهي. روايت ۾ قدامت به آهي ته لطافت به. حُسن ۽ خوبي به آهي ته اندازِ بيان جي شوخي ۽ نواڻ به. منفرد ان ڪري ته ڇو ته ڪنهن به صنفِ سُخن ۾ ايڏي وسعت موجود ڪانهي جو هر خيال، هر مضمون، هر تجربي ۽ مشاهدي ۽ انساني جذبن جي هر ڪيفيت کي پاڻ ۾ سموئڻ کان پوءِ پنهنجي وجود جي اصل بيهڪ ۽ بناوت سان گڏ پنهنجي قدرتي حسن کي به قائم رکي سگهي. داخليت جيڪا بذاتِ خود انسان جي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ موج در موج جذبن جو هڪ لامحدود سمنڊ آهي، اُن جي ترجماني لاءِ پڻ غزل ئي هڪ بهترين ذريعو آهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته انسان جي سموري زندگيءَ جي مختلف ڪيفيتن سان ڀرپور آهي. هجر جي درد انگيز ڪاري راتين جو ذڪر هجي يا وصل جي مسرت ۽ خوشين ۾ ٻڌل خوشگوار لمحن جو تذڪرو. زندگيءَ جا بيشمار ڏک هجن يا سکن جون اُڏندڙ ساعتون. بهار جي رنگين رُت هجي يا باغن ۾ پکين جون نغمه سرائيون. گلن جي رنگ ۽ خوشبو جون ڳالهيون هجن يا بادِ صبا جي خرامِ ناز جو احوال، محبوب جي حُسن جون جلوه طرازيون هجن يا عشق جون بيقراريون:خزان جي ويراني واري دور ۾ جڏهن گلن ڀريل شاخن سان گڏ انسانن جي اندر مان اُڀرندڙ جذبا به ڪوماڄجيو وڃن ته ان جي ترجماني به غزل ۾ ئي بهتر طور تي ٿئي ٿي. انهي ڏار ڏار ۽ رنگ رنگ ڪيفيتن، موسمن جي بدلجڻ ۽ جذبن جي مختلف صورتن جو نالو ئي غزل آهي. جيڪڏهن غزل ۾ اهي سڀ عناصر شامل نه آهن ته اُن کي ٻيو ڪو نالو ته ڏئي

سگهجي تو پر غزل سڌي نتو سگهجي. مون کي خوشي آهي تہ شبير هاتف جي ڪلام ۾ اُهي سڀ خوبيون موجود آهن جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. يا جيڪي غزل جي شاعري لاءِ بيحد ضروري هونديون آهن.

شبير هاتف جو تعلق ٽکڙ جي هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي سان آهي. شاعري تہ ڪيس ورثي ۾ مليل آهي. سندس بزرگ بہ شاعر هئا تہ سندس سرپرست پائر بہ سنڌي زبان جا معروف شاعر هئا. منهنجو مطلب آهي مرحوم حافظ شاه ناطق ۽ ڊاڪٽر اسدالله شاه بيخود سان: بئي ڏاڍا پيارا انسان ۽ قدر شناس دوست هجڻ سان گڏ سهڻا شاعر بہ هئا. شبير هاتف انهيءَ ماحول ۾ شاعري شروع ڪئي. هي اُهو زمانو آهي جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ غزل پنهنجي ڀرپور روايت سان موجود هو. هونئن تہ سنڌ ۾ غزل جي شروعات ڏاڍي آڳاٽي آهي پر اسان جيڪڏهن انهي زماني کي سانگي - قليچ واري دور کان شروع ڪريون تہ اسان کي سنڌي موزون شاعري جي ميدان ۾ غزل جي ئي ڪارفرمائي نظر ايندي. مير عبدالحسين سانگي ۽ اُن جا هم عصر جن ۾ سندس اُستاد غلام محمد شاه گدا کان سواءِ فاضل، حيدري، مرتضائي، حافظ حامد ٽکڙائي، قليچ ۽ ٻيا باڪمال شاعر موجود هئا. اهي سڀ جا سڀ غزل جا اُستاد شاعر هئا ۽ سندن ڪلام اڄ بہ سنڌي زبان جي ڪلاسيڪي غزليہ شاعريءَ ۾ سَند جو درجو رکي ٿو. سنڌ ۾ غزل کي رواج ڏيڻ ۾ پڻ انهن بزرگن جي شاعري وڏو ڪم ڪيو ۽ سنڌ ۾ مشاعرن جو ماحول پيدا ڪيو. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ پڻ غزل جا مشاعرا منعقد ٿيندا رهيا جن کي غزل جي شاعريءَ ۾ تاريخي حيثيت حاصل آهي. جميعت الشعراء سنڌ جو قيام پڻ سنڌي غزل جي ترقي جو بهترين ذريعو ثابت ٿيو.

هالا جو شهر پڻ قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جهڙي غزل جي قادر الڪلام شاعر ۽ عوامي ۽ روحاني رهبر جي مسڪن هجڻ سبب غزل جي شاعريءَ جو هڪ اهم مرڪز پئي رهيو آهي، اُتي پڻ

غزل جي جوت جلي. ادبي ڪانفرنسون به وقت به وقت منعقد تينديون رهيون ۽ ان سان گڏ مخدوم صاحب جي سرڪردگيءَ ۾ بزم طالب المولىٰ جو قيام پڻ عمل ۾ آيو. جنهن جي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قائم تيندڙ شاخن ۾ پڻ غزل کي ئي قبول عام حاصل رهيو.

بزم طالب المولىٰ جي مشاعرن ۾ ئي شبير هاتف پنهنجي شاعري جي شروعات ڪئي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام اُن وقت جي غزل جي روايتي حُسن جو آئينه دار آهي.

هي دور سنڌي غزل ۾ فارسي ترڪيبن جي استعمال جو دور هو ۽ تشبيهه ۽ استعارن ۾ پڻ اُهو ساڳيو التزام موجود هو جيڪو اُن وقت جي شاعريءَ جو بهترين معيار سمجهيو ويندو هو. مثلاً ڪشنچند عزيز جو هي ترڪيبي شعر جنهن ۾ استعاري جي به خوبي موجود آهي:-

هيهات! تشنه ڪامي بسمل بوقت قتل
خود آب صاف تي ويو تلوار کان جدا

حالانڪ هي شعر بهترين شعر آهي پر متين مصرع سنڌيءَ جي گرفت کان نڪري فارسي ۽ عربيءَ جي بحر بيڪران ۾ وڃي پيئي آهي. پر خدا جو شڪر آهي ته شبير هاتف ترڪيبن جو استعمال به نهايت احتياط ۽ اعتدال سان ڪيو آهي جنهنڪري سندس شعر سولائي سان سمجهه ۾ به اچيو وڃن ۽ عام فهم ترڪيبن جي استعمال سبب بياني انداز ۾ وڏيڪ لطف ۽ وسعت به پيدا تي پيئي آهي.

هاڻي هي هڪ شعر جنهن ۾ غم جانان يعني محبوب جي ڏک کي به دعا جي قابل سمجهيو ويو آهي هڪ خوبصورت انداز بيان ۽ زبان جي لطف جو آئينه دار آهي ۽ وڏي ڳالهه ته سنڌيت جو مزاج به برقرار آهي.

اي غم ِ جانان خدا بخشئي حيات ِ جاودان،
زندگي پر ياد رهنديون دل کي تنهنجيون قربتون

يا ساڳيءَ غزل جو هڪ ٻيو شعر:-

تنهنجو حسن ِ دلنواز آمادهٔ مهرو ڪرم،
تنهنجي شوخين ۾ نگاهِ شوق لئہ ڪئين دعوتون

هن شعر جو بہ ساڳيو مزاج آهي ۽ ڪابہ ترڪيب ناگوار نٿي لڳي. مورڳو شعر جي حسن ۾ اضافو آڻيو ڇڏي.

هن حال ۾ بہ ساهہ سان سانڍي ٿي ياد ِ يار،
توراڻتو رهان تو دل ِ پُر ملال جو.

هي شعر ترڪيب جي خوبصورتيءَ کانسواءِ مضمون جي معنويت جي لحاظ کان بہ خوبصورت آهي. ڏکن جي پُرملال دور ۾ بہ يار جي تات ۽ تنوار ساڳي سِڪ سان سندس دل جي دنيا ۾ موجود آهن. نہ هن ڏکن جي پيڙا کان پريشان ٿي ياد ِ يار کان منهن موڙيو آهي ۽ نہ دوست جي ياد ئي کيس ڇڏيو آهي بلڪ هن ملال ۽ ڏک جي زماني ۾ بہ کيس ساهہ سان سانڍي کيس آٿت ۽ سهارو ڏيندي رهي آهي.

توصيف ٿي ڪجي تہ تو محدود حسن ٿئي،
کهڙو ڏجي مثال عديم المثال جو.

لازوال حُسن ۽ اُن جي سچي ساراهہ لاءِ نہ لفظن جي رنگينين ۽ نہ ئي مثال لاءِ ڪنهن تشبيهہ ۽ استعاري جي معنيٰ آفريني جي ضرورت آهي هو تہ پنهنجو مثال پاڻ آهي اُن جي جمال و ڪمال جي رعنائين کي لفظن ۾ قيد ڪري محدود ڇو ڪجي. خوبصورت شعر آهي.

انهن شعرن کان سواءِ اهي بہ چار شعر ِ جيڪي شبير هاتف جي انداز ِ بيان جو خوبصورت نمونو آهن پيش ڪجن ٿا. انهن ۾ فارسي ترڪيبون ضرور ڪتب آيون آهن پر شعر جي معنويت ۽ خوبصورتي ۾ اضافي خاطر:

خزان رسيده دلِ زار ۾ اچي ويئين،
تون آهين جان بهار ۽ مان خود بهار آهيان.

دورِ خـزان ۾ بـاغِ دلِ زار گـلفشان،
اعـجـاز آهـي ديـدهٔ جـادو مثـال جـو.

سـرِ دار جـيـڪـي تـيـا سـرخـرو
اُهـي لالہ و گــل ۾ زنــدا رهـيـا.

ڪنهن تصور ڪيو تہ ڪُسجي ويو،
ذڪرِ ابرِ يار ڪير ڪري.

آشيانن ۾ خوفِ برق و شرار،
تحفۂ موسمِ بهار آهي.

حُسن وارن ۾ اسان جي حوصلن جي هاڪَ آهي،
قتلگاهہ عشق ۾ تينداسون قربان عنقريب.

چيلهہ تي چوڙي چڙهندو زلفِ پيچان عنقريب.
منهنجي بربادي جو پيدا تيندو سامان عنقريب.

غزل جي شاعري اصل ۾ حسن ۽ عشق جي شاعري آهي، انهيءَ ڪري منجهس جماليات جو عنصر غالب هوندو آهي. محبوب جي لب و رخسار جي ساراهہ ۽ اُن جي حسن جي جادوگريءَ جي بيان کان سواءِ نامڪمل آهي. جيڪڏهن دنيا جي ڏکن ۽ زماني جي ناهموارين جون ڳالهيون ڪرڻيون بہ آهن تہ اُهي بہ سهڻ جي ساراهہ کان پوءِ.

مون کي ملندو مُژدهءِ صبحِ بهاران عنقريب
بام تي ايندو سڄڻ سائين خرامان عنقريب

محبوب ڇت تي بيهي جلوو پسايو تہ عاشق کي بهار جي دل آفرين صبح جو سنيهو ملي ويو. سڄڻ سائين جي لفظ شعر ۾ حسن پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

حسن وارن ۾ اسانجي حوصلن جي هاڪ آهي،
قتلگاهہ عشق ۾ تينداسون قربان عنقريب.

"عنقريب" جي رديف غزل ۾ حسن پيدا ڪرڻ سان گڏ هڪ تسلسل ۽ تواتر پيدا ڪري ڇڏيو آهي. بس اِجهو ڪي اِجهو سڀ مرحلا پورا تي ويندا. تنهن کان سواءِ قتل گاهہِ عشق ۾ قربان ٿيڻ جو سلسلو تہ ڪڏهن ختم ٿيڻو ئي ڪونهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ عنقريب ٿيڻو آهي جو شروع کان ٿيندو آيو آهي.

مون عرض ڪيو تہ شبير هاتف جي شاعريءَ ۾ جمالياتي عنصر سڀ کان وڌيڪ نمايان آهي يا ائين ڪٿي چئجي تہ هو سنئون سڌو هڪ جمالياتي شاعر آهي. محبوب جي مرڪ، مکڙين جي مهڪ، اکڙين جا الماس ۽ ايندڙ رُتن جون بهارآفرينيون ئي هن جي شعري فڪر جو سرمايو آهن:

مصحفہِ رُخ جون آيتون ساڳيون،
عاشقن جون تلاوتون ساڳيون.

مکڙين کي تو مُرڪون بخشيون،
چانڊوڪين کي تو جرڪايو.

جيئن جِيئن نيڻ نشيلا ڪولَئي،
تِيئن تِيئن رُت تي جوڀن آيو.

رُت جو اِهو جوڀن شبير هاتف جي سچي شاعريءَ تي چانيل آهي.

تنهنجي جوڀن جي اُتل ساوڻي دريا جهڙي.
دل کي پائي ڪنهن گرداب ۾ پائين ته چڱو!

يار جي رفتار جي مسيحائي ته ڏسو:-

ڪَهمائي پير جتان ويو هو يار جان بهار،
سو بوستان ته ڪڏهن بي بهار تي نه سگهيو.

يا وري يار جي حسن جو اِهو ڪرشمو:-

جمالِ يار مهوش جو ڪرشمو ناهي ڇا يارو،
جو هن تي جئن نظر پيئي علاجِ رنج و غم تي ويو.

يا اهو شعر:-

ڪهڙي تعريف حسن و عشق ڪجي!
نڪهت و گل جو رشتو بي تفصيل.

جهڙي طرح گل ۽ خوشبو جي رشتي لاءِ ڪنهن تفصيل يا دليل جي ضرورت ناهي، اهڙي طرح حُسن ۽ عشق جي تعريف لاءِ ڪنهن دليل ۽ تفصيل جي ضرورت ڪانهي. اهي ته ازل کان هڪ ٻئي سان وابسته رهيا آهن ۽ ازلي لاڳاپي لاءِ ڇا دليل يا تفصيل بيان ڪجي.

غزل جي شاعري ۾ اندازِ بيان کي وڏي اهميت حاصل آهي؛ ڪنهن به خيال ۽ ڪنهن به مضمون کي سهڻي انداز ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته شاعر لفظن جي وسيع ذخيري رکڻ سان گڏ تشبيهه ۽ استعاري جي استعمال جي به مهارت رکندڙ هجي. شبير هاتف جي غزل ۾ اهي بئي خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون. ان سان گڏ هن رعايتِ لفظي جي فني پابندين کي به خوب نڀاهيو آهي. مثال طور:

جهڙيون ميخاني جون روايتون،
اڪڙيون ڪاريون ۽ مَڌ واريون.

ميخاني جي رعايت سان مَڌ يعني شراب ۽ راتين جي مناسبت سان ڪارين اکين جو ذڪر شعر کي استعاري جو هڪ خوبصورت شعر بڻائڻ سان گڏ رعايتِ لفظي جي شعري قريني کي به نڀاهيو آهي.

انهي غزل جو هڪ ٻيو شعر آهي:

تو لئه سوَ سينگار ڪيائون،
آسون جهڙيون ڳاڙهيون ڪنواريون.

هي شعر به استعاري جو هڪ خوبصورت شعر آهي. دل جون اُميدون به محبوب جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ سينگار ڪرڻ ڪان پوءِ ڳاڙهي ڪنوار وانگر حسين پيون لڳن:

شبِ فرقت ۾ ياد جو عالم،
چشمِ گريان ۾ ٽا ٻرن قنديل.

هن شعر ۾ به استعاري جو خوبصورت انداز آهي. جدائيءَ جي رات جا اڪثر اونداهيءَ جي درد انگيز رات هوندي آهي، پر محبوب جي

ياد ۾ جيڪي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا سي چڻ تہ روشنيءَ جا قنديل هئا جن جدائي جي رات کي روشن ڪري ڇڏيو. تنهن کان سواءِ هن شعر ۾ لفظي رعايت جو بہ بهتر طور تي خيال رکيو ويو آهي. رات ۽ اوندهہ سان قنديلن جو ذڪر شعر جي فني ضرورت هئي.

## تغزل

تغزل جون زبان ۽ فن جي ڄاڻن مختلف تعريفون بيان ڪيون آهن. شعر ۾ ڪا فني خامي ۽ زبان جي غلطي نہ هجي، مضمون واضح ۽ ابهام کان پاڪ هجي ۽ جيڪي ڪجهہ چيو وڃي اُهو حسن ۽ عشق جي بياني انداز ۾ هجي. پر منهنجي خيال ۾ تغزل جي سڀ کان اهم تعريف اها آهي تہ جهڙي طرح خوشبو گل جي وجود مان اُڏري ذهن کي متاثر ڪندي آهي اهڙي طرح تغزل بہ شعر جي هڪ خوشبو يا سرهاڻ آهي جا شعر مان اُڏري پڙهندڙ جي ذهن کي متاثر ڪندي آهي. جهڙي طرح هر گل ۾ خوشبو جي اها مهڪ موجود نہ هوندي آهي، اهڙي طرح هر شعر ۾ بہ تغزل جي سرهاڻ نہ هوندي آهي. اسان کي ڪيترن ئي اهڙن شاعرن جا شعر نظر ايندا جي صرف بحر وزن ۽ قافيي جي پابندين کي نباهڻ لاءِ چيا ويندا آهن. اهڙن شعرن ۾ معنويت تہ بيشڪ هوندي پر منجهن تغزل واري مهڪ ڪانہ هوندي آهي.

طوالت ۽ دل آزاري جي خيال کان آئون اهڙا شعر پيش نٿو ڪريان نہ تہ اهڙن شعرن جي بہ اسان جي چپيل شاعريءَ ۾ ڪمي ڪانهي. مون کي خوشي آهي تہ شبير هاتف جي ڪلام ۾ اڪثر شعر تغزل جي هن خوبي سان سينگاريل آهن ۽ پنهنجي ڀرپور خوشبو سان پڙهندڙ جي ذهن کي معطر ڪندا رهن ٿا. مثال طور سندس هي بہ چار شعر توهان ڏسندا تہ انهن ۾ اُهي تمام خوبيون موجود آهن جيڪي مون تغزل جي زمري ۾ ڄاڻايون آهن:

تنهنجي ايڏي جي بي رخي هوندي،
زندگي ڪهڙي زندگي هوندي.

اُهو جنهن سان ڪي روحَ رچنديون هيون،
اُهو راتَ خوابن ۾ آيو وري.
ورڻ جا تہ ويساهہ ڏاڍا ڏنئين،
وچڻ وارو موٽي نہ آيو وري.

تنهنجي يادن جون بهارون، تنهنجي غم جون لذتون.
دل جي دنيا ۾ تہ آهن، راحتون ئي راحتون.
تون اُهو ساڳيو ئي بيگانن جِيان هلندو اچين،
عشق ويچارو اڃان ساري تو تو ۾ حجتون.

هيءَ حقيقت تہ آشڪار آهي،
تو اڳيان چند شرمسار آهي.
ورهہ تيا خواب ۾ ڪو آيو هو،
ذهن اڄ تائين مشڪبار آهي.

هاءِ اُهي رنگين بهاريون،
تو جي مُرڪي ياد ڏياريون.
منهنجي من ۾ تنهنجيون سارون،
بر ۾ لڳيون چڻ بازاريون.
تو لئہ سو سينگار ڪيائون،
آسون جهڙيون ڳاڙهيون ڪنواريون.

وچوڙي جا طوفان ايندا رهيا،
ڏيا تنهنجي يادن جا ٻرندا رهيا،

ڪئي حڪمراني تي موجن تي جن،
سي ٻيڙا ڪنارن تي ٻڏندا رهيا.
هُيون جن سان ميخاني جون رونقون،
اُهي سُرڪ جي لاءِ سڪندا رهيا.

جي نگاهه ناز جون هي فتنہ سامانيون رهيون،
پاڻ کان ويندا ڇڏائي دين و ايمان عنقريب.

دشمنن تي عنايتون ساڳيون،
دوستن جون شڪايتون ساڳيون.

مڪڙين کي تو مُرڪون بخشيون،
چانڊوڪين کي تو جرڪايو.
جِيئن جِيئن نيڻ نشيلا کولئي،
تِئن تِئن رُت تي جوڀن آيو.

هيل نيڻن بہ ڪيا واهہ جا آگم آهن،
مينهن جي مند منا مون سان ملهائين تہ چڱو.

مان بي خوديءَ جي حقيقت نتو ٻڌائي سگهان،
گهٽو ئي غور ڪيم اختصار تي نہ سگهيو.

هي حُسن ۽ عشق جا افسانا، چئبا تہ نگاهن ۾ چئبا،
اي ڪنهن جي محبت جا ماريل! محفل ۾ ويهي فرياد نہ ڪر!

توکي تنهنجي زبان ۾ سهڻا
شوخ، نازڪ، گدان چا چئجي!

اهي شعر جيڪي مون پيش ڪيا آهن، انهن مان ڪنهن بہ شعر جي تشريح جي ضرورت ڪانهي. هر شعر زبان ۽ بيان جي خوبيءَ سان

موجود آهي ۽ تغزل جو حُسن بہ نمايان نظر پيو اچي ۽ ان جي معنوي ۽ لفظي سرهاڻ ٻڌندڙ ذهن کي متاثر ۽ معطر ڪريو ڇڏي. اهائي تغزل جي سچي پچي تعريف آهي ۽ اهائي شبير هاتف جي ڪلام جي خوبي آهي. اهڙا بي شمار شعر سندس بياض ۾ موجود آهن جن مان هرهڪ غزل جي شاعري جي حُسن ۽ تخيل جي بلندين جو آئينو آهي.

غزلن کانسواءِ شبير قطعا، رباعيون ۽ هڪ اڌ نظم بہ چيو آهي. قطعن ۾ پڻ انداز اُهو ساڳيو غزل جو ئي رکيو اٿائين. پهرين گهڻو ڪري شاعر غزل کان اڳ قطعا پيش ڪندا هئا جن ۾ پڻ غزل وارا عشقيہ مضمون هوندا هئا. اڄ ڪلهہ قطعا ڪجهہ موضوعاتي بڻجي چڪا آهن. شبيرجي قطعن ۾ بہ اُهوئي عشقيہ انداز موجود آهي.

مـون ڏٺا آهـن جـهـان ۾ حسن وارا بي شمار،
ڪن تان چانڊوڪيون فدا، ڪن تان فدا رنگِ بهار،
ڪن ۾ پرين جا مهانڊا، ڪن ۾ حورن جا نشان،
پر مـنـي محبوب جي هڪڙي ادا تان سڀ نثار!

تون لڪڻ ساڻ ڪو لڪي سگهندين،
مـنهنجا مـحـبوب سـائين مـوچارا!
رخ تان لاهـي حـجـاب زلفـن جـو،
سـجَ کـي سُـپ ڏئـي ڏيـکـڻ وارا!

منهنجي دل جا مڪين اکين کان پري،
ايـتـرو قـرب ايـتـري دوري!
شـيـوهٔ حُـسـن آهـي جـوروجـفـا،
هـاءِ تنهنجـي ڪـرم جـي مجبوري!

کيذيون معصوم تمنائون کھي ڇڏيوسين،
بزمِ جانان کي نئون رنگ ڏيڻ جي خاطر،
ڪيترا پيرا اِنھي در تي مئا ھونداسين،
رڳو ھڪ پيرو جيئڻ وانگي جيئڻ جي خاطر.

قطعن جي روشنيءَ ۾ به شبير ھاتف جي شاعري ساڳي غزل جي تسلسل جي شاعري تي معلوم ٿئي. ھر قطعو خيال ۽ لفظن جي بندش جو بھترين نمونو آھي. تشبيھ ۽ استعاري جو به اُھوئي ساڳيو ئي التزام آھي جو سندس غزل ۾ آھي ۽ وڏي ڳالھ اُھو لفظي ۽ معنوي ربط جو ھر قطعي جي چئني سٽن ۾ موجود ھئڻ گھرجي، شبير جي قطعن ۾ ڏاڍي سھڻي انداز ۾ موجود آھي ۽ ھن ربط يا چئني سٽن جي ھڪ ٻئي سان لاڳاپي سندس قطعن کي به نھايت خوبصورت بڻائي ڇڏيو آھي.

مولانا غلام محمد گرامي مرحوم اسان جو ھڪ نھايت قابلِ احترام بزرگ ۽ سدا بھار طبيعت رکندڙ دوست ھو. شبير سان سندس نياز منديءَ وارا تعلقات ھئا. ڏاڍي مھرباني، قرب ۽ شفقت سان ساڻس پيش ايندو ھئو. شبير روزگار جي رولڙن تحت ڪئنبيرا پھتو ته کيس اِھا خبر حسرت آيات به پھتي ته محترم گرامي گذاري ويو. ان خبر سندس شاعراڻي طبيعت تي جيڪو اثر ڪيو اُن جو رد عمل ھڪ نظم جي صورت ۾ ظاھر ٿيو. پرديس ۾ گرامي جھڙي ھڪ عزيز ترين مربي جي موت جي خبر جو اِھو ردِ عمل ھئڻ به گھربو ھو.

ڪئنبيرا ۾ بھارن جي رُت،
آئون ھڪ صبح جو چرڪي اُٿيس،
مون کي بي نور لڳو صبحِ بھار،
منھنجي آڳنڊ ۾ گلابن جا گل،
اھڙا بي رنگ لڳم جھڙيون جوان بيواھون.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

بلبلين، قمرين، چيھن ۽ چتن،
حسبِ معمول پئي ٻوليون ٻوليون،
پر عجب رنج ۽ غم سان سرشار.
ڪئنبيرا ۾ بهارن جي رُت،
اهڙي افسرده ڪڏهن ڪانہ ڏٺم،
اهڙي غمناڪ سمي ۾ مونکي محسوس ٿيو.
منهنجو پنهنجو ڪو ٻنهہ پنهنجو گرامي جهڙو
اهڙي ڏورانهين سفر سنپيو آهي،
نہ جتان ڪو وري موٽيو، نہ خبر آئي نہ خواب،
جان ڏٺم دل ڏي تہ هڪ آهہ ڪري،
غم جي اوڙاهہ ۾ تي غرق وئي.

هي نظم هڪ دوست مشفق ۽ مهربان اُستاد جي موت جي خبر ڪان پوءِ دل ۾ پيدا ٿيندڙ ڏک ۽ دنيا جي بي ثباتيءِ بابت پيدا ٿيندڙ اُن پُرسوز ڪيفيت جي آئينہ دار آهي جيڪا پنهنجي ٻنهہ پنهنجي گراميءِ جهڙي انسان جي ڏار تي هڪ اهڙي دنيا جي سفر تي اُسهڻ جي خبر جي ردِ عمل طور پيدا ٿي آهي، جتان نہ اڄ ڏينهن تائين ڪو موٽيو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن اهو احوال ٻڌايو آهي تہ اُن دنيا ۾ بي انت اوندهہ ڪان سواءِ ٻيو بہ ڪجهہ آهي!

مون کي خوشي آهي تہ شبير هاتف جو ڪلام سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي منظر عام تي اچي رهيو آهي. مون کي اُميد آهي تہ سندس ڪلام سنڌي ادب جي پڙهندڙن، خاص طور غزل جي شائقين لاءِ هڪ بيش بها تحفو ثابت ٿيندو ۽ اُها تشنگي جا غزل جا پڙهندڙ گهڻي عرصي کان محسوس ڪري رهيا هئا سا هن ڪتاب جي اشاعت کان پوءِ دور ٿي ويندي.

مخلص
عليِ محمد مجروح

# شاعري: هڪ مسلسل تخليقي عمل

شاعري هڪ مسلسل تخليقي عمل آهي. جيڪڏهن ان ۾ وير به ويساند پئي ته، پوءِ سڀڪجهه جهڙو ڪر نئين سر شروع ڪرڻو پوندو. ۽ يقيناً ڪن اڻتر ڪارڻن جي ڪري اهو تخليقي عمل ٽپ به ٿي ويندو آهي، جهڙوڪ: معياري رسالن جي کوٽ، ايڊيٽرن جو تخليقي ملهه ـ ڪٿ ڪان سنيد هجڻ، صحيح تنقيد جو ڏڪار، سنجيده پڙهندڙن جي اڻاٺ، لکڻ مان ڪنهن به اپڙاسي جو نه هجڻ، اشاعتي ۽ نشرياتي ادارن تي اڻ لاڳاپيل ماڻهن جو قبضو...
متي ڄاڻايل سمورا ڪارڻ خارجي آهن، پر اهي داخلي سطح تي به اثرانداز ٿي سگهن ٿا ۽ ڪجهه به تخليقڻ تان ارواح ڪڄي سگهي ٿو: پر اهڙي صورتحال ۾ به ڪڏهن ڪڏهن:

اندر وِهُہ ولوڙجي
ٻاهر ساگر سانت

واري ڪيفيت هوندي آهي. شبير سان ان ڏس ۾ ڪهڙي ڪار ٿي؟

الاءِ ڪنهن جي نظر ڪائي ويئي "هاتف" ڪي
سندس ڪلام ڪتابن ۾ ڳوليا آهن

شبير جي سموري شاعري عروض تي مشتمل آهي ۽ هُن عروض کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان ورتايو آهي ۽ عروضي شاعريءَ جا سمورا لوازمات هن پورا ڪيا آهن. شبير جنهن دور ۾ لکڻ شروع ڪيو هو، اُهو سنڌي شاعريءَ جو پنهنجي اصل سان رشتي جوڙڻ جو دور

هو. اياز شمشير ۽ تنوير... انهيءَ تقليدي روايت مان پلاند اجا ڪري رهيا هئا، خود منهنجي شاعريءَ جي شروعات به ڪافي ڪلام سان ٿي ٿي هئي، نه ڪي "نثري نظم" ٽائيپ جي شين سان! جيئن شبير لکيو آهي. جيتوڻيڪ مون شبير کان اڳ شاعري شروع ڪئي هئي، پر اُها سُرن تي آڌارڪ هئي. ۽ جڏهن شبير ۽ سوز امين منزل هيرآباد ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ اتان موٽي اچي اتي جون خبرون ڪندا هئا، ته منهنجو روح به رسڪندو هو. پوءِ ڀائو قاضيءَ (بيخود حسيني) مون کي عروض جو پهريون سبق ڏنو هو. ۽ مون شاعري ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني هئي. ۽ پوءِ جڏهن شاعري ڪئي ۽ ان کي جاري رکيم، ته شبير ۽ ڀائو قاضي شاعري تياڳي چڪا هئا.

غزل شبير جي پسنديده صنف آهي ۽ هن گهڻو ڪري غزل ئي چيو آهي، سندس رباعين ۽ قطعن ۾ به تغزل جو رنگ نمايان آهي. زمين، بندش، ترڪيب، تشبيهه، استعاري... جي جيڪا پختگي شبير وٽ آهي، سا ڪنهن به استاد جي مرهون منت نه آهي. ڄاڻ ته مان ذاتي طور تي به ڄاڻان ٿو ته، پنهنجي وقت جي استاد شاعرن کان، عروض جي ڄاڻ، شبير وٽ ڪجهه وڌيڪ ئي آهي. عروض تي اها دسترس ڪيس پنهنجي ڏاڏي کان ورثي ۾ ملي آهي.

دراصل شبير جي شاعريءَ جو اهو روايتي رنگ به ٽڪڙ جي مڪتبهِ فڪر جو بخشيل آهي. انهيءَ روايت کي اسين ٽن دورن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(۱) شروعاتي دور

(۲) وچيون دور

(۳) هاڻوڪو دور

شروعاتي دور (۱۱۳۰ھ) ۾ نور محمد "خسته" انهيءَ روايت جو مُک شاعر آهي. "خسته" سنڌيءَ ۾ عروضي شاعريءَ جي اڳاٽن شاعرن مان آهي ۽ ساڳئي وقت سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي صنف

جو پيڙهه رکندڙ اهي. "تذڪره شعراء ٺٽڙ" ۾ ۱۸ صفحي تي سندس هڪڙو ئي غزل ڏنل آهي. انهيءَ غزل جون ڪي مصراعون ته فارسيءَ ۾ چيل آهن:

"خسته" وخوار منجهه "وسيءَ" مون جيئن
نيست ديگر ڪسي ز شيخ و شاب

اهو حسن ِاتفاق ئي چئجي ته، شبير به پنهنجي هڪ غزل ۾ ساڳيو قافيو "شيخ و شاب" ڪتب آندو آهي:

بڏون تا يار وٽ اڄ دعوت، نظاره عام آهي
مڙيا آهن اچي سڀ شيخ و شاب آهسته آهسته

وچئين دور ۾ علامه اسدالله شاهه "فدا"، محمد هاشم "مخلص"، حافظ هارون "دلگير" ۽ حافظ عبدالله "بسمل" انهيءَ روايت جا اهم شاعر آهن: ۽ هاڻوڪي دور ۾ شبير في الحال انهيءَ روايت جو آخري نمائندو شاعر آهي.

ٺٽڙ جي مڪتبه فڪر جو هڪڙو ٻيو به رنگ آهي، جيڪو روايتي ۽ نج سنڌي رنگ جي ميلاپ سان جُڙيِ ٿو. "حافظ حامد" انهيءَ سلسلي جو وڏو شاعر آهي. قاضي محمد دائود، حاجي عبدالستار جان "پير"، سائين ميران محمد شاهه "مير"، محمد خان "غني"، پير ابراهيم جان "خليل"، سيد حافظ شاهه "حافظ" (ناطق)، اسدالله شاهه "اسد"؛ (بيخود) به انهيءَ رنگ ۾ رتل آهن. انهن غزليات سان گڏ بيت ۽ ڪافيءَ جي صنف تي به طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ غزل ۾ سنڌيءَ رنگ پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ٺٽڙ جي مڪتبه فڪر جو سڀ کان منفرد ۽ سُريلو شاعر سيد حاجي

محمد حافظ شاهہ اهي. شبير جو نانو، جنهن جي اوطاق کي ٺٽ ۾ هڪ ثقافتي مرڪز جي حيثيت حاصل هئي. پاڻ ڪافيءَ جي وڏن شاعرن مان آهي. چون ٿا تہ هڪڙي پيري ناني حافظ شاهہ فارسي رنگ ۾ هڪ روايتي غزل چيو، تڏهن سندس ٽيون نمبر وڏي ڀاءُ علامہ اسدالله شاهہ "فدا" وڏي واڪ ان تي هن ريت تبصرو ڪيو تہ: "اَبا، حافظ شاهہ "عشق" ڇڏي "فشق" ۾ ڪاهي پيو آهي. ڪافي ڪلام جي انهيءَ نج سنڌي روايت کي ٺٽ ۾ پوءِ محمد سعيد شاهہ "سعيد" زنده رکيو.

شبير ان معاملي ۾ خوش نصيب آهي تہ ڪيس پنهنجي گهر ۾ ئي ادبي ماحول مليو. سندس ٻئي وڏا ڀائر ڀائو حافظ شاهہ ۽ ڀائو قاضي اڳي ئي ادبي ميدان ۾ ڪونتل ڪُڏائي رهيا هئا. ڀائو حافظ شاهہ تہ ورهاڱي کان اڳي ئي ادب ۾ پير پائي چڪو هو ۽ نثر ۾ ۽ خاص ڪري ڪهاڻي - ڪلا ۾ هن نہ وسارڻ جهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ ڊاڪٽر "بيخود" حسيني ورهاڱي کان پوءِ تخليق توڙي تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وک وڌائي ۽ "تذڪرهٔ شعراء ٺٽ" جي صورت ۾ ٺٽ جي ادبي، سماجي، معاشي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ کي مرتب ۽ محفوظ ڪيو. شبير اڳتي هلي محمد خان "غني" ۽ مولانا غلام محمد "گرامي" جي صحبت مان فيضياب ٿيو ۽ پوءِ سائين ميران محمد شاهہ جي ڪچهرين ۾ رچي راس ٿيو. قبلہ مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" سائينءَ جي رس رهاڻين سون تي سهاڳي وارو ڪم ڪيو.

انهيءَ دور ۾ حيدرآباد وڏو ادبي مرڪز هو. چاچي غنيءَ جي هاشمي پريس، گرامي صاحب جو گاڏي کاتي وارو گهر، ڪراچي هوٽل، سائين ميران محمد شاهہ جو بنگلو، امين منزل (پهرين هير آباد، پوءِ گاڏي کاتو) ۽ مخدوم صاحب جو سول لائنز وارو بنگلو ادبي ۽ ثقافتي مرڪز هوندا هئا. سلطان هوٽل ۽ افضل هوٽل (گاڏي کاتو) ۾ بہ اهڙيون ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون، جن ۾ علي محمد مجروح، شفيع محمد علوي بہ شريڪ ٿيندا هئا. عبدالله

"خواب" صاحب جو تلڪ چاڙهيءَ وارو دڪان "انتخاب ٽيلرز"، تہ ـ ماهي "مهراڻ" جي تلڪ چاڙهيءَ واري آفيس بہ ادب جي اڃايلن لاءِ پاڻيءَ جي ڪنهن ٽڏي ۽ مٺي چشمي واري حيثيت رکندا هئا. بزمِ طالب المولىٰ، جميعت الشعراء، بزمِ خليل ۽ سنڌي ادبي سنگت بہ مُتحرڪ ۽ فعال هيون، پر اڄ اهو سيڪجهہ خواب ٿو ڀاسي:

امين منزل" جون راتيون سوز جون ۽ ساز جون راتيون،
اُهي راتيون تہ بس ٿي ويون خواب آهستہ آهستہ.

انهن ئي صحبتن، محفلن ۽ ڪچهرين ۾ شبير جي تربيت ٿي. قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ سان تعلق جي ڪري اهو سلسلو پوءِ رڳو حيدرآباد تائين محدود ڪونہ رهيو، پر اهو سلسلو ڀٽ شاهہ، هالا، ڏُنڙو، ميرپور بٺورو، محمد ڪنڀاڻ، ڄام ڏاتار... تائين پکڙندو ويو. اتي جون راڳ رهاڻيون، طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا، رديفي مشاعرا، في البديهہ مشاعرا. انهيءَ پوري دور تي گهڻو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو، پر ايترو وقت نہ آهي، مجموعو پريس ۾ آهي. انهي ڪري سڌو سنئون شبير جي شاعريءَ تي اچون ٿا، جنهن جي لاءِ شاعر پاڻ اعتراف ڪيو آهي تہ: "منهنجي شاعري گهڻو ڪري جمالياتي شاعري آهي. انسانذات جي مشڪلن ۽ مسئلن جي حوالي سان ۽ خصوصاً سنڌي سماجڪ جي سورن جو سوچي حسن ۽ عشق، يا گل ۽ بُلبل جو ذڪر شايد بي معنىٰ لڳي."

شبير جي ناني سيد محمد حافظ شاهہ وٽ ڪافيءَ جي صنف اظهار جو وسيلو هو ۽ اهي ڪافيون شبير جي ڪَنَن ننڍي لاڪون جهتيون بہ هيون، پر شبير انهيءَ صنف ڏانهن لڙيو بہ ڪونہ! خود قبلہ طالب المولىٰ سائين وٽ نيٺ غزليات کان علاوه غزل نما ڪافي يا ڪافي نما غزل جي روايت سان گڏو گڏ نج ڪافي ڪلام جي روايت بہ موجود آهي؛ پر شبير کي ڀانءِ پئي تہ غزل جي ئي صنف ڀانءِ پئي. غزل شبير جي مزاج سان ميل کائيندڙ صنف آهي.

منهنجي راءِ ۾ تہ "تغزل" شاعريءَ ۾ هڪ رويي جو نالو آهي.

توڙي جو انهيءَ رويي کي سنڌي شاعريءَ ۾ خود شبير جي دور ۾ ئي رد ڪيو ويو هو، پر شبير نه رڳو انهيءَ رويي کي رد نه ڪري سگهيو، بلڪ هن انهيءَ رويي/اسلوب کي هڪ نئين معنيٰ ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي. اهو سچ آهي ته سندس ڪلام ۾ واؤعطفي ۽ زير اضافت جو بي دريغ استعمال آهي. هن پاڻ به انتهائي سچائيءَ سان مڃيو آهي ته سندس ڪلام جو بنيادي محرڪ حسن و عشق آهي:

سراغِ منزلِ هستي رموزِ عشق ۾ ملندو
خرد وارن کي ڪهڙي حق و باطل جي خبر پوندي

اها ساڳي "اوڏاڪين آيا، عقل وارا عشق کي" واري پر آهي، جنهن کي هر دور جي شاعرن پاريو آهي. حسن ۽ عشق، شاعريءَ ۾ جيترو ئي پراڻو موضوع آهي، اوترو ئي تازو توانو پڻ آهي.

خالص غزل جي صنف ان ڪري به هڪ مشڪل فن آهي، جو ان ۾ هر جذبي ۽ احساس کي اشاري ڪنائي ۾ ئي بيان ڪرڻ جڳائي:

هي عشق ۽ حسن جا افسانا چئبا ته نگاهن ۾ چئبا
اي ڪنهن جي محبت جا ماريل محفل ۾ ويهي فرياد نه ڪر

۽ انهيءَ روايت کي نڀائڻ لاءِ سخت مشق ۽ رياضت جي ضرورت آهي. شبير وٽ مشڪل پسندي به انهيءَ مشق ۽ رياضت جو ئي نتيجو آهي؛ پر ان ڏس ۾ هن نه ته ڪنهن جي تقليد ڪئي آهي، نه ئي وري هو پنهنجي دور جي بدلجندڙ حالتن کان بي خبر رهيو آهي:

جي ڪلهه چمنِ زيست جا سينگار ڏٺاسون
اڄ دوشِ خزان تي به اُهي بار ڏٺاسون
ڪئين چنڊ کان موچارا ستارن کان سونهارا
گيسوئي شبِ غم ۾ گرفتار ڏٺاسون

کلين جئن هئا جي تبسم تبسم
گلن وانگي افسرده آهن
خزان وانگي جن ڪيئي گلشن اُجاڙيا
اجا تائين پائنده پائنده آهن

اها صورتحال، جنهن جو ذڪر انهن قطعن ۾ ڪيو ويو آهي، سا اڄ به ائين جو ائين اسان جي آسپاس موجود آهي. ها، البت اسين اهو چئي سگهون ٿا، ته شبير انهيءَ حقيقت جو اظهار پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪيو آهي؛ هن وٽ طنز جو به پنهنجو هڪ خاص لهجو آهي:

ڪانگن جي ڪانءِ ڪانءِ ۾ ڪوئل نه ڪوڪندي
چيرن جي هوندي باغ ۾ چيها نه ڇهڪندا
آداب، گلستان ۾ هي ترميم ڪئي اٿئون
بلبل نه تيندي نغمه سرا گُل نه مُرڪندا

پر ان سان گڏ شبير جي شاعريءَ ۾ اسان کي نج سنڌي محاورا به ملندا:

تون لڪڻ ساڻ ڪو لڪي سگهندين؟
منهنجا محبوب سائين موچارا!
رخ تان لاهي نقاب زلفن جو
سِڄ کي سُپ ڏئي ڍڪڻ وارا

جيڪو پرندو سو ڪنجهندو ”هاتف“
آه تي اختيار ڪير ڪري

ورهه ۾ تنهنجي وسايان واري
واڳڙيون وصل جون وارين جاني

اڄ تہ ڪا سُرڪ پيارين جاني
مانَ مئلن کي جيارين جاني

شيخ، زاهد، واعظ... غزل گو شاعرن وٽ سدائين ڏاميچ رهيا آهن. انهن جي ظاهرداريءَ تڪبر کي هر دور ۾ ننديو ويو آهي. شيخ، زاهد، واعظ....اهڙا منفي ڪردار/ اهڃاڻ آهن، جن جي لاڪ لاهڻ جو فرض هر غزل گو شاعر پنهنجي نڀايو آهي.

شبير جي شاعريءَ ۾ بہ انهيءَ منفي ڪردار/اهڃاڻ جو ذڪرِخير موجود آهي:

نگاہِ مست هرِ ڪنهن ڏي نہ ڪر
ڪرم کي ايڏي ارزاني نہ ڏي
ڪِتي زاهد ڪِتي صهبائي ناب
ڪُتي کي ڪَٽڪ جي ماني نہ ڏي

هن مجموعي ۾ شايد اُهو غزل هجي، جنهن جي طرح هئي:

زلف چڻ شام، رخ سحر آهي

انهيءَ غزل جو هڪ شعر مون کي اڄ بہ ياد آهي:

شيخ صاحب کي هٿ متان آٽيو
پنهنجي پٽ پوٽ کان ڀهر آهي

ڪنهن بہ شاعر لاءِ تجربو ئي هڪ اهڙي واٽ آهي، جنهن تان هو لُهولهان پيرا ڇڏيندو اڳتي وڌي ٿو. پر انهيءَ لاءِ لازمي آهي تہ، اهو تجربو مسلسل هئڻ گهرجي. شبير بہ انهيءَ واٽ تي وک وڌائڻ جو سوچيو ضرور آهي. هُن کي اها سُڌ ضرور آهي تہ، جيڪڏهن مدي خارج سماجي جوڙجڪ ۾ شاعريءَ وسيلي ڪا بہ مثبت ۽ دور رس تبديلي آڻڻي ئي آهي ۽ اهو ڪنهن بہ سچي شاعر جو بنيادي فرض بہ بڻجي ٿو، تہ پوءِ اهڙي تبديلي ڀرين هن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻي پوندي:

هاڻ رسمِ چاڪ دامان ڪي ڇڏي
عشق ۾ آٽيون نئون ڪو انقلاب

۽ اهڙي انقلاب آڻڻ لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ سان واڳجڻ لازمي آهي:
نيٺ انهن ماڳن ڏي موٽيس
جيجل جت ڏني هئي تِج

منهنجي خيال ۾ تہ تڪڙ ڪي شروعاتي عمر ۾ ڇڏڻ بہ ان جو هڪڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، جو شبير انهيءَ ڳوٺاڻي ماحول کان تاڏارجي ويو ۽ هن جي شاعريءَ ۾ نج سنڌي ڳوٺاڻو ماحول ورلي ليي ٿو:
ڳل ڳرهاٽي پائين نہ پائين
پوريءَ تان پيرو تہ نہ پيچ!

شبير "هاتف" جي هن مجموعي ۾ ڇهہ نظم، بہ سهرا، هڪ لوڪ صنف "هفتو" ۽ هڪ ڪافي بہ آهي. نظم "غمِ حسين" ۾ اُهائي رواني ۽ زورِ بيان ملي ٿو، جيڪو حافظ "دلگير" ۽ حافظ "بسمل" جي نظمن ۾ موجود آهي. "هوتن ريءَ هفتو" توڙي جو فارسي بحر تي آڌارڪ آهي، پر انهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڳاءُ موجود آهي:
جمع - جانبن سان اکيون اٽڪيون
پلارن پلي ڏينهن پلايون ڪيون
پرين پرت جا پيچ پختا وڌا
محبت جون من منجهہ ميخون کُتيون

نظم "ڏورانهون سفر" ۾ آزاد نظم جا گُڻ موجود آهن. ان ريت "ڪافي" جي صنف ۾ بہ شبير "هاتف" لاءِ تجربي جو هڪ وسيع ميدان موجود آهي:
ڇوڙي ڇڏين جي ڇيڪ ڇٽن ڪي
ونگ وجهن هوند واتهڙن ڪي

روز هزارين تين ويچارا، توتان صدقي صدقي صدقي
ڪيفي ڪاريون ڪجليون اکڙيون
آهن ڏاديون ڏاهيون ڏنگڙيون
ڪن تيون مشتاقن تي مارا، توتان صدقي صدقي صدقي

انهيءَ سموري عرصي ۾ ذاتي، توڙي قومي ۽ بين القوامي سطح تي، ڪيترائي اهڙا سانحا ۽ حادثا تي چڪا آهن. پر شبير لڙڪ ڪي لفظ بڻجڻ نه ڏنو آهي. هو انهيءَ سموري عرصي ۾ "فڪرِ فردا" ۾ ئي گرفتار رهيو:

خدا ڪنهن کي شل فڪرفردا نه ڏي
گلن جهڙي چهري تي افسردگي!

يقيناً شبير جي انهيءَ رويي کي ته، شاعريءَ کي ڪيريئر بڻائڻ (۽ اُهو به سنڌيءَ ۾) عقلمندي نه آهي: پر جڏهن توهان شاعري ڪريو ٿا، ته پوءِ توهان تي پنهنجي ٻوليءَ جون ۽ ساهت جون ڪجهه ذميواريون به عائد ٿين ٿيون.
شبير جو هيءُ سمورو ڪلام، سندس تربيتي ۽ تجرباتي دور جي تخليق آهي. اهو سلسلو ڪٿي ۽ ڪيئن ٽٽو، ان سان بحث نه آهي؛ بلڪ ڇوڻ جي ڳالهه رڳو اها آهي ته، اهو سلسلو ٻيهر ضرور "جڙڻ" گهرجي ۽ اهو انهيءَ ڪري به ضروري آهي ته، شبير "هاتف" پنهنجي دور جو، پنهنجي مخصوص انداز ۾ به هڪ وڏو شاعر آهي:

خبر نه آهي ته "هاتف" ڪٿي وڃايوسين
سندس ڪلام جي رنگينين کي ساريون ٿا
غزل جي جان هو جن جو جمالِ هوشربا
انهن حسين پري زادين کي ساريون ٿا

امداد حسيني
ڄامشورو ـ سنڌ
۱۳ـ۱۰ـ۱۹۹۱

# پيار جو پانڊيئڙو

آڪٽوبر ١٩٩١ع جو مهينو مون کي پنج سال پوئتي وٺي ويو آهي جڏهن ١٩٨٦ع جي ساڳي مهيني ۾ منهنجي ملاقات محترم شبير هاتف سان جدي (سعودي عرب) ۾ ٿي. مان آمريڪا ۽ انگلنڊ کان ٿيندو "ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ" جي پوتر سرزمين تي پهچي پنهنجو سر جهڪائي عقيدت ۽ احترام جو سلام ڪيو.

عمرو ادا ٿيو الائي نه، قبول به پيو يا نه، پر هتي اچي جيڪو قلبي قرار، روحاني سڪون ۽ سرور پهتو، اُن جو ڪاتو هرگز ڪري نه سگهندس. سباجهي سائين سگهه ڏني ته ان ڪيفيت ۽ احساس کي ٻين صفحن ۾ جڳهه ڏبي.

١٢ آڪٽوبر ١٩٨٦ع تي جدي جي هڪ هوٽل ۾ سنڌي ادبي سنگت، جده پاران مون سان هڪ ادبي شام ملهائي وئي جتي ٻين اديبن ۽ شاعرن سان گڏ شبير هاتف جن به اعزازي مهمان طور شريڪ ٿيا. مون کي وڏ ۾ وڏ خوشي، هاتف صاحب جن جي موجودگيءَ سبب ٿي ڇو جو سينئر ۽ تمام سٺي شاعر هئڻ جي حيثيت ۾ مون کين ڪافي پڙهيو هو، ذاتي ڄاڻ سڃاڻ هڪ ٻئي سان اڳ ايتري ڪانه هئي. بس رڳو ياڪر پائي ملڻ جي دير هئي جڻ ورهين جا واقف ۽ ديرينه دوست هئاسين.

ادبي شام ۾ هونئن ته گهڻائي اديب ۽ شاعر هئا پر اُنهن ۾ نمايان ميرل جويو، خليل لاکير ۽ شبير هاتف ئي هُيا. محفل جي خاص مهمان هئڻ جي ناتي، مون کي ٻڌڻ لاءِ ته هرڪو پابند ۽ مجبور هو پوءِ چاهي ڪنهن کي منهنجي شاعري وڻي يا نه وڻي باقي سچي ڳالهه اِها آهي ته ميرل جويي، خليل لاکير ۽ خاص طرح سائين شبير هاتف کي ڏاڍو داد مليو.

محفل ۾ پڙهيل هاتف صاحب جو هڪ قطعو مونکان اڃا تائين وسري نہ سگهيو آهي:

وودڪا، وسڪي، برانڊي، ڪنترو، چنزانو، رَم،
تنهنجيٰ نيڻن جي نشي جا روپ آهن بي حساب،
مون سڄي دنيا ڏٺي، دنيا جا ميخانا ڏٺا،
پر اِهي اڪيون، انهن اکين جو ڪونهي ڪو جواب!

سال ڏيڍ گذري وڃڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هوس تہ رسيپشن تان ٽيليفون آيو تہ "شبير علي شاهہ هاتف اوهان سان ملڻ چاهي ٿو" ساڻس ملي ڏاڍو خوش ٿيس. ڪافي ڪچهري ٿي. پر شبير هاتف جهڙي شخصيت سان ڪچهري سا بہ آفيس جي ماحول ۾، گهڙي گهڙي ٽيليفون جي گهنٽي، ماڻهن جي اچ وڃ، آفيس جا فائيل، بس اڃا ڪو لذيذ جملو واتان نڪري ئي مس تہ پوري ٿيڻ کان اڳ ٽيليفون جي گهنٽي يا ماڻهن جي اچ وڃ تي بي مزو ۽ ٻاڙو ٿيو وڃي. سائين شبير هاتف بہ شايد اهو محسوس ڪري ورتو تہ آفيس واري ڪچهريءَ مان ادبي ٻاڙَ پوري نہ ٿي هئي سو حڪم ڪيائين تہ "منهنجي غريب خاني تي اچو، ماني بہ گڏجي کائون ۽ ڪا دل کولي ڪچهري بہ ڪجي." سائين قمرالزمان شاهہ ۽ شبير هاتف صاحب گڏ ساڳي بنگلي ۾ رهندا آهن. دل ۾ چيم "الله سائين اهڙا غريب خانا جي سيني کي عطا ڪري ڇڏي تہ اميري بہ شرم کان ڪنڌ مٿي نہ ڪٽي سگهي". بهرحال ڏنل وقت ۽ ڏينهن تي سندن دولت خاني تي پهتاسين جتي امداد حسيني، سيد خادم حسين شاهہ، نورالهديٰ شاهہ، غلام رسول سوز تڪڙائي ۽ ٻيا دوست موجود هئا. ادبي ڪچهري وري بہ دل وٽان ڪانہ ٿي سگهي، پر پوءِ بہ ڪافي ڪجهہ هڪ ٻئي سان حال احوال اورياسين ۽ دل جو غبار ڪڍيوسين. اُن کان پوءِ بہ ٻہ چار ملاقاتون ٿيون. منو ۽ لذيذ ڳالهائڻ

تہ ڪو هاتف صاحب ڪان سڪي، سندس اِٽڪي ويهڻي ۾ وڏائي يا خواهہ مخواهہ واري آڪڙ بازي جي بوءِ بانس ئي ڪانهي، صاف، سنئو ۽ سهڻو ماڻهو. جهڙو اندر تهڙو ٻاهر. البت آفيس ۾ اچڻ جي جڏهن بہ عنايت ڪندو آهي تہ پاڻ سان گڏ تورو تڪلف جو بار بہ کنيو ايندو آهي: چوندو "عنايت صاحب! تڪڙا آهيون فقط پنج منٽ ويهبو" مان سمجهي ويندو آهيان تہ منهنجي مصروفيت ۾ خلل نہ وجهڻ خاطر هر دفعي ائين چوندو آهي. مان کين چوندو آهيان "سائين! صبح کان ڪم ڪري ڪري ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. اوهان آيا تہ توريrelaxation ملي اٿم. ڪجھ وڌيڪ ويهندا تہ وڌيڪ ٺڪ لهندو" ان جملي ورجائڻ تي تڪلف برطرف تي ويندو آهي ۽ شبير هاتف صاحب پوءِ ڪجھ گهڙيون وڌيڪ ويهڻ لاءِ آماده تي ويندو آهي. گفتگو نهايت شائستہ، نرم ۽ نفيس ڳالهائڻ سندس شيوو هوندو آهي. سندس هر لفظ محبت جي ميناج سا ن پُر هوندو آهي. تنهنڪري جيڪي بہ لمحا، مختصر ئي سهي، شبير هاتف سان ڪچهريءَ لاءِ مليا اٿم، اُنهن لمحن کي مون هميشہ مانائتو، ڪارائتو ۽ سجايو سمجهو آهي. انسانن جي اَثاث جي هن دوُر ۾ شبير هاتف جهڙيون پُر بهار شخصيتون، انسانيت مان کڄي ويل اعتبار ۽ اعتماد کي پيهر بحال ڪن ٿيون. شال الله پاڪ اهڙن انسانن کي وڏائي ۽ کين شاد آباد رکي، آمين.

پنهنجي آفيس ۾ جيڪا اڳ ملاقات تي هئي ۽ جنهن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي، ان وقت مون کين عرض ڪيو هو تہ "اوهان سان هڪ يادگار انٽرويو رڪارڊ ڪري نشر ڪرڻ چاهيون ٿا." محبت جي موٽ محبت سان ڏيندي هڪ ڏينهن قرب ڪري آيا ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هڪ تفصيلي انٽرويو رڪارڊ ڪري نشر ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪلامِ شاعر بہ زبانِ شاعر جي چاشني پڻ موجود

هئي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ هن ادبي ملاقات ۾ مون کي شبير هاتف جو هي غزل ڏاڍو وڻيو. توڙي جو انتخاب ڪرڻ جي گنجائش بنهه ڪانه آهي جو هر بند پنهنجي جڳهه تي موتين جي مالها جيان جڙيل آهي پر تنهن هوندي به ٻه چار بند لڙهيءَ مان توڙي پيش پيو ڪريان:

وجـي شـهـر ۾ هُـل هـلايـو وري،
ڪـو سـرمـد سـرِ دار آيـــو وري.

پِرين کي اسان پنهنجو ڀانيو وري،
اَکـين جـي اشـارن ڀـلايـو وري.

مـتـان آسـرن ۾ رهـايـو وري،
اسـان تان نـه مـاٺو ڪلايو وري.

اسان عادتاً بس اوهان جا آهيون،
اوهـان عادتاً مُـنهن مَـتايو وري.

١٩ جون ١٩٩١ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽوڊيوز ۾ سائين تنوير عباسيءَ جي صدارت هيٺ ڪُل سنڌ سنڌي مشاعري جي محفل جو اهتمام ڪيوسين. جنهن ۾ پروانو ڀٽي، اياز گُل، ادل سـومـرو، تـاج جـويو، اُمـيـد خيرپـوري، محبوب سـروري، ذوالفقار سيال، سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي، ميرل جويو، بلاول پرديسي، آسـي مـحـمـود زميني، مـيـر عبدالرسول مـيـر، اسحاق راهـي، محمد حسن ساز، تاج صحرائي، شبير هاتف ۽ سيد منظور نقوي حصو ورتو. هر شاعر کي خوب داد مليو پر جڏهن مشاعرو ختم ٿيو ته ٻن ٽن برک شاعرن ڪان ائين ٻڌو ويو ته شبير هاتف مشاعرو ڪٽي ويو. اُن ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته شبير هاتف کي سندس غزل تي

سيني ڪان سرس داد مليو. هڪ به بند ته به تي پيرا ڪيس دهرائڻا پيا
چو ته ڪجهه بندن ۾ شاعريءَ جو حُسن ايڏو ته نکريل هو جو سيني
ڪان هڪ ئي آواز واهه واهه تي نڪتي.

الله ڪري ته تون به اچين عشق جي اري،
الله ڪري ته توکي اها مَت اچي وڃي.

هُن بي ارادهه مون ڏي نهاريو ته ائين لڳو،
ڪنگال وٽ ڪا اوچتو دولت اچي وڃي.

اِن آسري ۾ روز نوان ويس پيو مَتيان،
شايد ڪا بزمِ يار جي دعوت اچي وڃي.

چوڏهين صدي ته خير سان گذري وئي، مگر
تون جي اچي وڃين ته قيامت اچي وڃي.

شبير هاتف پيار جو پانڌيئڙو آهي. پرت جو پينار به آهي ته پڳدار پي. حسن و عشق جي گرداب ۾ گهيريل رهيو آهي. مٿس محبت جي مهميز ۽ دلفريبين جي گرفت ايتري ته پڪي ۽ پختي تي ڏسجي جو ڪيس عشق جي اري ۾ اچي وڃڻ کان پوءِ ڇوٽڪارو نصيب ئي ڪونه ٿيو آهي. يا وري شايد هاتف صاحب ڇوٽڪاري جي تمنائي نه ڪئي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪا پَني پاڻ پڙهي ۽ ٻين کي پاڙهي سگهيو آهي ته به گهڻو ڪري گل و بلبل ۽ حسن و عشق جي ئي آهي.
بقول حافظ شيرازي:

ما قصۂ سکندر و دارا نہ خوانده ايم
از ما بہ جُز حکايت ِمهر وفا مَر پُرس.

يا خود بقول هاتف:

ميڪدي جي در سوا ٻي پاڻ کي ڪانهي پروڙ،
اي حرم وارا اوهين ڇاٽو اوهان جون جنتون.

هاتف صاحب جي شاعريءَ جو ڪجھ حصو گل و بلبل واري دؤر جي شاعري جي نمائندگي ڪري ٿو. جنهن ۾ فارسي رنگ،تغزل وڏيڪ حاوي هو. پر جڏهن پراوا پهريل چوغا لاهي سندس شاعري ديسي ويس وڳا اوڍي ٿي ته اُنجو حُسن وڌيڪ نکري نروار ٿي وڃي ٿو، سندس سونهن سرس ۾ سوائي ٿئي ٿي.

شبير هاتف جو اهو ڪمال آهي ته جڏهن هو شاعريءَ جي ڪهنه رنگ مان نڪرڻ ٿو چاهي ته ايترو ته آسانيءَ سان نڪري نئون رنگ ڍنگ اختيار ٿو ڪري جو گمان به نه ٿو ٿئي ته هو پراڻي طرز جي شاعري ڪڏهن ڪندو به هو. سندس ٻولي صفا نج، ڪا زير اضافت ڪانه، نيٽ پنهنجا ديسي محاورا جيڪي بيحد رواني ۾ پختگيءَ سان بيحد خوبصورت شاعريءَ کي جنم ڏين ٿا. اهڙي شاعريءَ جا ڪجھ بند پڙهڻ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

هاءِ اُهي رنگين بهاريون!
تو جي مُرڪي ياد ڏياريون.
تنهنجي آئي من ۾ هوليون،
تنهنجي وئي نيٽن ۾ ڏياريون.
تو لئي سؤ سينگار ڪيائون،
آسون جهڙيون ڳاڙهيون ڪُنواريون.

اکين ساڻ اکيون ملايو وري،
نَئين سر نئون نيهن لايو وري.
اُهو، جنهن سان کي روح رچنديون هُيون،
اُهو راتَ خوابن ۾ آيو وري.
ورڻ جا ته ويساهه ڏاڍا ڏنئين
وڃڻ وارو موٽي نه آيو وري.

محبت، امن، سکون ۽ پيار جي وات تي هلندڙ شاعر کي راهه ۾ ڪتي ڏکو تو اچي، هو تابو ڪائي بيهي رهي ٿو. هيڏي هوڏي واجهائي ٿو ۽ سوچي ٿو ته ڪير هو جنهن ڪيس ڏکو ڏنو؟ هو شايد دل ئي دل ۾ دشمن جي فتني کي سڃاڻي ۽ پُرجهي وٺي ٿو. اُن وقت سندس شاعريءَ جو پيچرو غير محسوس ٿيندڙ نموني سان بدلجي ٿو وڃي ۽ هو چوي ٿو :

اجا ته عشق جي منزل پري پري آهي،
اجا ته ڪنڊ ۽ ڪاتيءَ ۾ فاصلا آهن.
پين تا جيڪي پري جامَ خونِ ناحق جا،
فقيهہِ شهر جي فتويٰ ته پارسا آهن.
رقيب هاڻي ٿو ٻولي پيار جي ٻولي،
الائي ڪهڙا نوان نات هُن رٿيا آهن.
اُنهن سان آهي نه گوڏو گڏي وهڻ واجب،
اسان جي لاءِ جي ڏُريان ئي ڏاريا آهن.

هاتق صاحب رباعيون ۽ قطعا به لکيا آهن، ۽ ڏاڍا سٺا لکيا آهن. اُنهن ۾ به حسن ۽ عشق جي مَئي مَتي مهراڻ جون مست ڇوليون نظر اچن ٿيون. مون کي سندس قطعن ۽ رباعين ۾ به جڻ ڇوُسٽا

غزل نظر آيا آهن. جيڪڏهن هڪ ٻن بندن جو واڌارو ڪجي ته اُهي به بهترين غزل ٿي سگهن ٿا.

مان اُميد ڪريان ٿو ته هاتف صاحب جن پنهنجي شاعريءَ جي هن مجموعي ڪان پوءِ ٻئي ڪتاب جي به تياري شروع ڪري ڏيندا، ڇو ته سندن تازين تخليقن ۾ نج ٻوليءَ سان گڏ ڌرتي ڏِڪاڻن جا دردَ پنهنجي مِٽيءَ جي مَهڪ جو هڳاءُ هر پڙهندڙ محسوس ڪري سگهي ٿو.

۲۰ آڪٽوبر ۱۹۹۱ع

عنايت بلوچ
حيدرآباد

# نصير وٽان

شبير هاتف صاحب جي شعر جو هي پهريون مجموعو آهي، هن مجموعي کي ”مجموعو“ بنائڻ لاءِ منهنجي جاکوڙ جو داستان منهنجي عشق جو داستان آهي: هڪ هڪ صنف ۾ هڪ هڪ شعر کي مون ائين ڳوليو آهي، جئن پوپٽ گُلن جا پارَ ڳوليندو آهي، جئن محفل ۾ ماڻهو پنهنجا يار ڳوليندو آهي يا جئن ڪا سِپ ملهار جي لارَ ڳوليندي آهي. شبير هاتف صاحب وٽ پنهنجي شعرن جي جيڪا ”ڪليڪشن“ موجود هئي، اُن ۾ ته، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شعر مسَ لکيل هئا، باقي ڪلام ته، ”شاعر“، ”مهراڻ“، ”نئين زندگي“ ۽ ”سهڻي“ وغيره مان مون ۽ ادي نور الهديٰ شاهه ڳولي هٿ ڪيو آهي. جُون جي ڪاڙهن ۾، سائين خادم حسين شاهه پنهنجي گاڏيءَ ۾ اسان کي سنڌ الاجي تائين پهچائيندو هو ۽ مان ۽ ادي نور سنڌ الاجيءَ جي ڪتابن سان تمتار ڪمرن ۾ اندر هليا ويندا هئاسين ۽ شبير هاتف صاحب جا شعر گڏ ڪري، فوٽو اسٽيٽ ڪرائي، شام جو گهر موٽندا هئاسين. هي مجموعو سهيڙيندي ۽ سنڌ الاجيءَ جي باغ مان شبير صاحب جا ٽڙيل پکڙيل ”شعري گُل“ چونڊيندي خوشي پئي ٿيم ته منهنجو هڪ سپنو ساڀيا ٿي، منهنجي نالي جي وياڪتا ڪرائڻ وارو هو. پنهنجي سپني جي ”گلدان“ ۾ گُل گڏ ڪندي، ڪن شعرن جا گُل وقت سان گڏ مُرجهايل به لڳم پر اُن اڳوٽي يُگ ۾ لکيل ڪن ڪِن شعرن ۾ ته مون ڏٺو اڄان به تازگي ٻکندڙ هئي. ڪِن ڪِن شعرن جون پنکڙيون سُڪل هوندي به هُڳاءَ سان تمتار لڳيون، اِهوئي ڪارڻ آهي جو هي ڪتاب سهڙيندي مون ڪي نهايت گهٽ شيون (شاعر جي اجازت سان) ڊراپ ڪرڻيون پيون آهن.

هيءَ مان اُنهن شعرن جي باري ۾ راءِ ڏئي رهيو آهيان، جيڪي شبير

صاحب بنهہ نندي ڇمار ۾ لکيا هئا. تذڪره شعراء ٺٽ ۾، سائين اسدالله شاهہ حسيني، شبير هاتف صاحب لاءِ لکن ٿا تہ: سندس ڪلام رنگين ۽ پختو آهي. هي نوخيز ۽ نوعمر شاعر وڏن وڏن استادن ۽ قادرالڪلام شاعرن وانگر پختہ ۽ شستہ ڪلام چوي ٿو. ياد رهي تہ اِها راءِ ١٩٥٦ ۾ قائم ڪيل آهي.... ١٩٩١ تائين بلاشبہ شبير هاتف صاحب جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعرن ۾ آهي.

١٩٧٠ تائين واري شبير صاحب جي شاعريءَ برابر تہ فارسي نالن وارن گلن ۽ ايراني باغن ۾ اکيون کوليون آهن. ۽ ان دؤر واري شاعريءَ ۾ هُن ڪٿي شمع ۽ پرواني سان سنگت ۾ جاڳي صبح ڪيو آهي، ڪٿي ساغر ۽ مينا ڇلڪايا آهن ۽ ڪٿي ساقيءَ جي اکين مان خمار ماڻيا آهن... ۽ مان شبير هاتف جي اِن لهجي کي بہ سنڌي شاعريءَ جي تسلسل جو هڪ ڏاڪو سمجهان ۽ شمار ڪريان ٿو. اوهان ترتيب وار سندس شاعريءَ جو مطالعو ڪندا تہ هُن جي لهجي جي آرسيءَ ۾ اوهان کي هوريان هوريان سنڌي ٻولي جا بہ متارا متارا لفظ ۽ تشبيهون، غزل جي روايتي دلڪشيءَ ۽ جادو بيانيءَ ۾ جهرڪندا نظر ايندا. سندس شاعريءَ جو اِهو سفر ڇڻ رات جو ڪشت ڪاٽي، پرهہ تائين پهچڻ جو سنديش ڏئي ٿو. ٺٽ جي ڌرتيءَ تي جنم وٺڻ باعث هُن جي شاعريءَ ۾ ٺٽ جو روايتي رنگ ۽ عڪس منعڪس تہ ٿيڻو ئي هو، جيڪو ظاهر ٿيو ۽ جائز ٿيو. چو تہ، جڏهن شاعر پنهنجي گهر کان قدم ٻاهر رکيو تہ ٺٽ جي شاعريءَ جو شاندار ۽ موهيندڙ قالين هر وات تي وڇيل هو. ڪتب خانن ۾ فارسي ڪتاب مطالعي لاءِ موجود هئا. اوطاقن ۾ طرحي مشاعرن جون محفلون جاري هيون. محفلن واري مجلسي گفتگوءَ ۾ حافظ شيرازي، سعدي ۽ عرفي جا شعر عام جام استعمال ٿيندا هئا.... خير گهڻو پوءِ جڏهن اسان جو شاعر اُن ماحول مان ٻاهر آيو تہ، هُن جي شاعريءَ جو رنگ بہ "اور" ٿي ويو. هُن جي تخيل ۾ نواڻ بہ آئي

۽ منجهس سنڌي ٻوليءَ جي نج سرهاڻ به جلوگر تي. وقت سان گڏوگڏ هو تڪڙ جي روايت جو راوي بڻجڻ بدران، پنهنجي Diction تي فتح پائيندو ويو آهي ۽ هوريان هوريان فارسيءَ جي هوائن مان نڪري سنڌ جي ڪُليل فضائن ۾ ايندو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ شبير هاتف جي شاعري، روايت ۽ جدت جي "سنگم" تي هڪ خوبصورت پُل جو "ڏيک" ڏئي تي.

"تذڪره شعراء تڪڙ" ڪان ٣٥ سال پوءِ، تڪڙ جي نهايت مانائتي شاعر شبير هاتف صاحب جو هي مجموعو سهيڙي مان ايتري ئي خوشي محسوس پيو ڪريان، جيتري خوشي شبير صاحب کي پهرين سِٽ يا پهريون شعر لکڻ مهل محسوس تي هوندي، ۽ اڄ هي مجموعو سهيڙڻ ڪان پوءِ اُن کي ڇپجندو ڏسي، ڪيڏو نه مسرور پيو ٿيان ته جتي مون هنن شعرن کي يڪجا ڪري، ڪين هڪ لازوال زندگيءَ جو تحفو ڏنو آهي اُتي هِنن شعرن به وري مون تي اِهو احسان ڪيو آهي جو تڪڙ جي شاعرن سان گڏ منهنجي نالي کي به بطور مرتب تاريخ جو حصو بنائي ڇڏيو آهي.

نصير مرزا

٢٧ آڪتوبر ١٩٩١ حيدرآباد

# پنهنجي پاران

ٽکڙ جي حوالي سان منهنجو شاعر ٿيڻ ڪو حادثو نہ چئبو. نانو ۽ ڏاڏو ٻئي وڏا شاعر هئا. ڏاڏو قاضي اسدالله شاهہ فدا تہ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اديب، شاعر ۽ صحافي هو. ٽکڙ مان "بهار اخلاق" ۽ "توحيد" ماهناما ڪڍندو هو. سندس شعر گهڻو ڪري حضور صہ جي ثنا ۾ هو. ان ڪانسواءِ تاريخ نويسي ۾ سندس شايد ئي ڪو مٽ هجي. نانو، حافظ شاهہ ڪافي جو شاعر هو. سندس ڪافي ۾ سوز ۽ گداز ڪانسواءِ ٻولي پختي ۽ زوردار هئي. چون ٿا تہ پاڻ جهونگاريندو ويندو هو ۽ عيسو شيدي، موتيو شيدي، حاجياڻي ٻچي ۽ مائي سينتي ياد ڪندا ويندا هئا ۽ پوءِ ڪيس باقاعده ڳائي ٻڌائيندا هئا. رات جو روزانو اوطاق ۾ راڳ رنگ هلندو هو جتي ڳوٺ ۽ اوسي پاسي جا باذوق ماڻهو ۽ ڪمي ڪاسبي اچي دل جو ڪس لاهيندا هئا.

اسانجي ناناڻي نک ۾ هڪ ٻيو وڏو شاعر پيدا ٿيو. اسانجي شجري ۾ فقط ٻن ماڻهن جي نالن سان "شاعر" لکيل آهي. هڪ شاهہ عبداللطيف ۽ ٻيو حبيب شاهہ. حبيب شاهہ جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي پر دل ويڌندڙ هئي. بدقسمتيءَ سان ايڏي وڏي شاعر جو ڪلام گم آهي. ساڳيو حال باقي ٽکڙائي سادات جي ڪلام سان بہ ٿيو. نورالهديٰ شاهہ ڪي ڪنهن سچ چيو هو تہ ٽکڙائي ذات جي معاملي ۾ خوش نصيب آهن پر وڏن جي ڪاوشن ڪيَ سنڀالي رکڻ جي معاملي ۾ بدنصيب!. حبيب شاهہ جي هڪ ڪافي اسانجن گهرن ۾ ڳائبي هئي جيڪا مهراڻ ۾ "لافاني ڪلام" جي عنوان تحت ڇپي هئي. اُن ڪافيءَ جا جيڪي ٻول ياد ٿا پون سي حاضر آهن

ٿل ـ جهوريءَ جيءَ وڏوءِ راٺل روسامن سان.
ساٿي ساري ڇٽو سوڍل ڪي ميان ـ مومل موئي ڪان پوءِ
ڪندين ماٺا ڪن سان
حبيب شاه ڇئي حب مان ـ پرين ڪي پوريجو ڇوءِ
پانڌي پارانين سان

حبيب شاهه جي هڪ ٻي ڪافي جيڪا پڻ اسانجن گهرن ۾ اسانجيون وڏيون جهونگاريندون هيون، ان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هِت درج ڪجي ٿي

ٿلهه ـ سا سُمهـي سُـک ڪيـئـن ڪـري!
سائين اَلَا! پُنهل سان جنهن جو پيچ پيئڙو.

١ـ سُتڙي هُيڙيس سيج تي ـ ٻي غمي غفلت ڪري،
هاڻ پئي هتڙا هٽي ـ جنهن جو پارس پُنهل تيو پري،
سائين اَلَا! جيءُ جڏو جند جان تيئڙو.

٢ـ هَلو پُڇون هلي هوتَ کان ـ هيءُ واٽ وندر جي ڪيئن وري،
واهون ڏيو وٽڪارَ ۾ ـ پينر ڏسيو ڏونگر پئي ڏري،
سائين الا! وس ويچاريءَ ڪان جو ويئڙو.

٣ـ حبيب شاهه ڇئي حُبَ منجهاران ـ آيس دلبرَ تو دَري،
ڏيارج پنهنجيءَ ذات مان ـ سُهٽا بحر مان بحرو پري،
سائين اَلا! آءِ پياسي منهنجو پيچ پيئڙو.

ڏاڏا جو ڪلام تہ پڙهيوسين تڏهن جڏهن ڪجهہ سمجهہ پرا تياسين پر نانا حافظ شاهہ جون ڪافيون تہ ڄائي ڄَم کان ڪن پيل هيون. شادين مُرادين ۾ گهٽو ڪري نانا جون ڪافيون ڳائبيون هيون.

ڪڏهن ڪڏهن ترنگ ۾ اچي ماسي ( نور الهديٰ جي ماءُ ) ۽ ادي به پيون ڳائينديون هيون. آئون اڪثر ٻنهي کي ويهاري نانا جون ڪافيون اصلي طرزن ۾ ڪائنن ٻڌندو هئس. ادي ته الله کي پرتي. ماسيءَ جي هڪ ته ڀيري ڀيو جوڙ ٽني ويو. تنهنڪري وري الاءِ اهي ٻول ٻڌڻ نصيب ٿين يا نه؟ نانا جون ڪافيون شايد شاعريءَ سان منهنجو پهريون تعارف هو.

بابا (سيد الله بخش شاهه) جي تعليم ته پوري ساري هئي پر فهم ۽ فراست ۾ نالي وارو هو. ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ ايندو هو ته ماسي ۽ ٻقيءَ کي شاهه جي رسالي مان بيت پيو ٻڌائيندو هو ۽ تفصيل سان شرح ڪندو هو. مون کي سمجهه ته ڪانه هوندي هئي پر بابا جنهن روانيءَ سان ڳالهائيندو هو ۽ ٻيبيون جنهن محويت جي عالم ۾ هونديون هيون، اهو ڏسي مزو ايندو هو. ان ڪانپوءِ يٽ شاهه تي ساليانې ڪانفرنس ۽ ٻين ادبي ۽ ديني مجلسن ۾ بابا هميشه مون کي پاڻ سان وٺي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بابا پنهنجن وڏن پُٽن سان سياست، ادب ۽ معاشري جي مسئلن تي دوستانه بحث مباحثو به ڪندو هو ۽ اُنهن کي حڪم هو ته پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ ڪو به لحاظ نه ڪن. ان گهرو ماحول شاعريءَ جو ٻج پوکڻ لاءِ ڪيڙي جو ڪم ڪيو.

ادا قاضي (ڊاڪٽر اسدالله شاهه بيخود حسيني) شاعريءَ جي ميدان ۾ اڳ ئي لهي آيو هو. مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو. سائين طالب المولىٰ سان به ڏيٽ ويٽ تي وٺي هيس جا اڳتي هلي دل محرم دوستي تي وئي. سائين وٽ مشاعرا ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون جن جو ذڪر ٻڌي منهنجي دل به هرکي. ادا قاضيءَ کي چيم ته ”مون کي به وٺي هلو“ ـ چيئين ته ” شعر لک“. اُن ڏينهن طرحي مشاعرو هو. طرح هئي، ”اڄ چشم زدن ۾ ڪجي صد ساله سفر طئه“. طرح ڏکي هئي. پاڻ مون کي شاعريءَ جو

پهريون سبق ڏنائين. مون جيڪي رنديا روڙيا، سي وچي محفل ۾ پيش ڪيم. اها منهنجي سائين طالب المولىٰ سان پهرين ملاقات هئي. پوءِ ادا قاضي مون کي غني صاحب وٽ وٺي ويو جنهن باقاعده عروضي قانون ۽ قاعدا سمجهايا. غني صاحب کي گهوٽائيءَ جي حيثيت سان سجاڻندو هئس پر شاعرانه تعارف پهريون هو. ان وقت سندس ڏنل مشهور طرح "اُني جي اچي ٽي ٽڏي هيرَ ٽرَ ڪان" تي لکڻ لاءِ حُڪم ڪيائين. مون چيو ته "مون کي ته ٽرَ جي باري ۾ ڪا خبر ڪانهي" پاڻ چيائين "شاعري شروع ڪرڻ ڪان اڳ شعر جو مطالع تمام ضروري آهي. پُراڻي زماني ۾ اردو شاعر تيسين ڪنهن کي شاگرد نه ڪندا هئا، جيسين گهٽ ۾ گهٽ هزار شعر ياد نه هوندا هئس"

پوءِ شاهه سائين جو سُرمارئي ۽ حافظ حامد جو ڪلام پڙهيم. حافظ حامد جي ڪلام جو گهڻو حصو ٽرَ جي باري ۾ آهي. ان ڪان پوءِ جيڪي لکيم سو غني صاحب کي وٽيو. پاڻ مناسب اصلاح ڪانپوءِ "روحِ ادب" ۾ ڇپيائين. غني صاحب ڪان اصلاح جو سلسلو جاري رهيو. امين منزل هيرآباد ۾ سائين طالب المولىٰ جن وٽ به حاضري جاري رهي. سائين وٽ رات جو مشاعرو ۽ راڳ ضرور ٿيندو هو. شاعرن ۾ گرامي صاحب، غني صاحب، محبوب سروري، آئون، ياءِ اسدالله شاهه مستقل شريڪ ٿيڻ وارا هئاسين. ان ۾ پوءِ امداد حسيني به شامل ٿي ويو. امداد ڪان ننڍي لاٽي جي عشقَ ڪجهه اڳ لکرايو. جنهن کي پاڻ شاعري چوندو هو. اها شاعري اڄڪلهه جي نثراڻي نظم ڪان مختلف نه هئي. اُن وقت اسان ٻئي سوٽ ١٣-١٤ ورهين جا هئاسين. اُن عمر ۾ علم جي لحاظ ڪان لڳندو هو ته امداد ڪمال ڪري ڇڏيو. اُها ته پوءِ خبر پيئي ته رڳو جهنگ جهڙيو هئائين (تِن ڏينهين) - امداد اُهو لکڻ جاري رکيو پر باقاعده اُستاد تڏهن ورتائين جڏهن منهنجو بحر وزن تي پورو شعر ٻڌي شاعريءَ جي ڪَچائي محسوس ڪيائين. پوءِ ته امداد جهلَ ئي

ڪانَ ڏني. الاءِ ڪيڏيون منزلون طئہ ڪري ڪتي وجي پھتو. احسن الهاشمي بہ اڪثر امين منزل جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. تن ڏينهين شيخ عبدالعزيز قنڌاريءَ بہ پيريءَ ۾ بين ڪي ڏسي شاعري شروع ڪئي جا ٻڌڻ وٽان هئي. قنڌاري صاحب جي کِل بي مثال هئي. ڳالهہ ٻڌڻ يا شعر پڙهڻ کان اڳ کِلڻ شروع ڪندو هو. ماڻهو منتظر هوندا هئا تہ کِل پوري ٿئي تہ قصو اڳتي وڌي. کِل بہ اهڙي جو رڳو وات کُليل هوندو هو ۽ ڪنهن بہ قسم جو آواز نہ هوندو هو. قنڌاري صاحب جي شاعريءَ جو نمونو هي هو:

گرامي گرامي گرامي
چران نمي خرامي خرامي

سرشار عقيلي جڏهين حيدرآباد جو ڪليڪٽر ٿي آيو تہ اُهو بہ باقاعده اچڻ لڳو. پوءِ تہ مخدوم صاحب جن جو مريد بہ ٿيو ۽ آخر عُمر تائين پيري مُريدي جو سلسلو بہ جاري رهيو. ساڳيو حال ميرپور بٺوري جي خواجہ محمد عيسيٰ مست جو هو. شمشيرالحيدري، تنوير عباسي ۽ غلام رباني بہ ڪڏهن ڪڏهن شرڪت ڪندا هئا. چاچا ميران محمد شاهہ بہ اڪثر ايندو هو. ڳائڻ لاءِ مصري فقير ۽ حسين بخش خادم هر وقت سائينءَ سان گڏ هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن منظور علي خان بہ ايندو هو. راڳ جي محفل ۾ هارمونيم گھڻو ڪري سائين پاڻ وڄائيندو هو. سائين جو آواز نهايت مٺو آهي. راڳ جو وڏو ڄاڻو آهي. ستار بہ وڄائي ڄاڻي. منظور علي خان ۽ پاڻ اُستاد سينڌي خان کان سکيا ورتي هئائون. شاهہ ڪانپوءِ شايد سنڌ ۾ گھٽي ۾ گھڻو طالب الموليٰ جو ڪلام ڳايو ويو آهي. انهن سيني ڪافين جون طرزون سنڌن پنهنجيون آهن.

امين منزل مان رات جو ٽين چئين وڳي پنڌ نڪربو هو. قنڌاري

صاحب ٧٥ ورهين جو هو تہ بہ ڪڙو تڙو هو. قنڌاري صاحب ڪي، صدر ۾ ۽ گاڏي ڪاتي ۾ گرامي صاحب ڪي ڇڏي، آئون، ادا قاضي ۽ امداد قلعي تي ويندا هئاسون. ڏيپ ڏاءُ ڪونَ هو. اڄ جي ماحول ۾ اُهي ڏينهن ۽ راتيون ياد ڪري روئڻ اچي ٿو. انهن محفلن ۽ مجلسن ۾ هڪ طرف مخدوم صاحب سان رشتو مضبوط ٿيندو ويو تہ ٻئي طرف گرامي صاحب ڪان اصلاح وٺڻ شروع ڪيم پر پاڻ جلدئي چيائين تہ هاڻ توکي اصلاح وٺڻ جي ضرورت ڪانهي.

مخدوم صاحب بذات خود هڪ ادارو آهي. سنڌس علمي ۽ ادبي خدمتن لاءِ هڪ ڪتاب گهرجي. پاڻ جتي بہ هوندو هو اُتي خود بخود تَر جا شاعر ۽ راڳيندڙ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ مشاعرا محفلون پيون ٿينديون هيون. پوءِ اُها ناري جي مسافري هجي يا منڇر ۾ بدڪن جو شڪار، اهي محفلون اسان جهڙن لاءِ تربيت گاهون هيون.

منهنجو معمول هو تہ نور محمد هاءِ اسڪول مان ۽ اُن ڪان پوءِ گورنمنٽ ڪاليج يا سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان موٽندي پهريون داهو تلڪ چاڙهيءَ تي "مهراڻ" جي آفيس ۾ گرامي صاحب وٽ ٿيندو هو. اُت ابراهيم جويي صاحب ۽ شمشيرالحيدري سان بہ ملاقات ٿيندي هئي. سراج الحق ميمڻ ۽ جمال رند بہ اڪثر ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ اچي نڪرندو هو. شيخ صاحب جو هندوستان جي سياست ۾ وڏو مقام هو. خلافت تحريڪ ۾ ڏاڏا اسدالله شاهہ فدا جو خاص معاون هو. تنهنڪري ڪانئس ڏاڏي جي باري ۾ خاص ڪري پڇندا هئاسون. پاڻ نهايت عقيدت ۽ محبت سان ڏاڏي جو ذڪر ڪندو هو.

شامَ جو روز چاچا ميران محمد شاهہ وٽ حاضري ٿيندي هئي. چاچا هڪ انجمن هو. سنڌس محفل ۾ ويهي جوان نوجوان ٿي ويندا هئا. پنهنجي سير سفر جو بيان اهڙي تہ پيرايي ۾ ڪندو هو جو لڳندو هو تہ پاڻ اُتي موجود آهيون. ٽڪڙ جي باري ۾ اڪثر چوندو هو

”جيڪي ڏنو سو مون ڏنو سرتيون، اوهان نہ ڏٺو“. اصلي ٽڪڙ تہ اسان رڳو ٻڌي، جا ٽڪڙ اسان ڏٺي اُن ۾ ڪلر ڪاڏين پتين کان علاوہ آخري نشاني حافظ عبدالله بسمل ھو. ڪيس اُستاد الشعراء چوندا هئا. پر ويچارو وَنڊ تي گذارو ڪندو هو. سندس شاگردن ۾ سرشار عقيلي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ محمد خان غني شامل هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ختاب (مُلاَّ مڪتب) ۾ اسان کي بہ اکر پڙهائيندو هو. فارسي بہ پڙهائڻ شروع ڪئي هئائين. اسان کي اُن وقت تہ ان ماڻهوءَ جي عظمت جي خبر ڪانہ هئي. اسانجي لاءِ هو بہ حافظن وانگر نماز صلات ڪرائڻ وارو مولوي هو. ورهاڱي کانپوءِ اسان بہ ٽڪڙ ڇڏي اچي حيدرآباد ويناسون ۽ بسمل صاحب بہ جلد گذاري ويو، نہ تہ شايد بسمل صاحب جي شاگرديءَ جو شرف اسان کي بہ حاصل ٿئي ها.

چاچا ميران محمد شاهہ وٽان ايندا هئاسين گرامي صاحب وٽ. پوءِ جي مخدوم صاحب حيدرآباد ۾ هوندو هو تہ ان وٽ نہ تہ ڪراچي هوٽل ۾ وڃي ويهندا هئاسون. ڪراچي هوٽل اُن وقت دانشورن جو اڏو هوندي هئي. گرامي صاحب اڪثر مير ِمحفل هوندو هو. چانهہ جا دور پيا هلندا هئا ۽ گرامي صاحب جي واتَ مان علم جو درياءَ پيو وهندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪَ بنا ساهيءَ جي پيو ڳالهائيندو هو. لفظن لاءِ سوچڻو ئي ڪين پوندو هئس. مرحوم لکندو بہ انهيءَ رواني‌ءَ سان هو. سائين حسام الدين راشدي بہ حيدرآباد ۾ هوندو هو تہ ان محفل ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هو.

امين منزل جي محفلن مان بزم ِطالب الموليٰ وجود ۾ آئي، جنهن جون جلدئي جهر جهنگ شاخون قائم ٿيون. بزم جي طفيل نوان شاعر پيدا ٿيا جن مان اڄ ڪئين نالي وارا شاعر آهن. هن وقت ٽڪڙائي ساداتن مان ادبي دنيا ۾ فقط امداد، نُورالهديٰ ۽ آئون بچيا آهيون. آئون بہ تقريباً ماضي ٿي ويو آهيان. شايد ئي ڪو نوجوان مون کي سڃاڻندو هجي! باقي امداد حسيني ۽ نورالهديٰ شاهہ تہ اڄ ادبي اُفق جا روشن ستارا ۽ شعري چمن جون بهارون آهن. امداد جنهن

ريت جديد سنڌي شاعريءَ جي ارتقا لاءِ پنهنجيون ذهني صلاحيتون استعمال ڪيون آهن اُنهيءَ جو يقيناً سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو مقام آهي. نورالهديٰ جيڪو ڊرامه نويسيءَ ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو آهي اِن تي سنڌ ته ڇا پر سڄي پاڪستان کي فخر آهي. نورالهديٰ هڪ قابل جراح وانگر معاشري جي ناسورن کي جڻ ڪوري ڪڍي ٿي، اهو صرف سندس ئي حصو آهي. ٻئي ڪنهن جي جاءِ ڪانهي. آئون نورالهديٰ جو ياءِ سڏائي جيڏو فخر ڪيان اهو گهٽ آهي.

منهنجي شاعريءَ جي ارتقا ۾ بزم طالب المولىٰ جي رهاڻين جو وڏو اثر آهي. غزل منهنجي پسنديده صنف آهي. غزل ڪانسواءِ رباعيون ۽ قطعا به لکيم پر انهيءَ تي تغزل حاوي رهيو. منهنجي شاعري گهڻو ڪري جمالياتي آهي. انسان ذات جي مشڪلن ۽ مسئلن جي حوالي سان خصوصاً سنڌي سماجهڙن جي سورن جو سوچي حسن ۽ عشق يا گُل ۽ بلبل جو ذڪر شايد بي معنيٰ لڳي پر عشق به انسان لاءِ ايڏو ئي ضروري آهي جهڙو ڪاڏو. جيستائين حسن کي محسوس ڪرڻ جي صلاحيت نه هوندي، تيستائين هن دنيا جون قباحتون ڪيئن نظر اينديون؟ ٻين جي پيڙا تڏهن ڏکوئيندي جڏهن پاڻ به ڪجهه گهاءَ ڪاڏا هوندائين. هن هڻ هڻان جي دور ۾ جتي چوپاسي خون جو رنگ ۽ بارود جي بوءِ آهي، حُسن جي به کمي ڪانهي. پر جنهن کي نظر اچي! مون کي گهڻو ڪري دنيا سهڻي لڳي آهي. اهائي شاعريءَ ۾ پيش ڪئي اٿم، پر چوپاسي جيڪي وهي واپري پيو، اُن ڪان به بيگانو ڪونه آهيان. تنهن ڪري ڪٿي ڪٿي گُل و بُلبل جي ذڪر ۾ انهن ارڏائين جا اشارا به ملندا جيڪي اسان سان ٿينديون رهنديون آهن. جڻ، وطن ۾ هڪ واءِ وريو هو، اُن تي لکيو هئم:

ڪانگن جي ڪانءِ ڪانءِ ۾ ڪويل نه ڪوڪندي
چيرن جي آئي باغ ۾ چيها نه ڇهڪندا
دستور گلستان ۾ هيءَ ترميم ڪئي اٿئون
بلبل نه ٿيندي نغمه سرا گُل نه ٻهڪندا

مون شعر تمام گهٽ لکيو آهي پر جيڪي ڪجهه لکيو اٿم سو "حديث، دلبران" ئي آهي. منهنجي شاعريءَ لاءِ محرڪ هميشه "سونهن" ئي رهي آهي، پوءِ اُهو سهڻو ماڻهو هجي، سهڻو منظر هجي يا سهڻو شعر.

مهينن جا مهينا ڪونه لکندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ائين به لڳندو آهي ته جهڙوڪر آئون شاعر ئي ڪونه آهيان، پوءِ اوچتو دل جون تارون ڇڙي پونديون آهن ۽ ذهن پرواز ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ڪو غزل يا قطعو تيار ٿي ويندو آهي.

هي مجموعو سهيڙڻ لاءِ به دوستن جي پيار يري صلاح همٿايو. اِن لاءِ خاص ڪري عنايت بلوچ جو ذڪر ڪندس جنهن سان پهرين ملاقات جدّه جي هڪ مُشاعري ۾ ٿي. وڏا ياڪر پائي وڏي چاهه سان مليو، ائين ٿي لڳو ڄڻ ورهين جا وڇڙيل يار آهيون. دل ئي دل ۾ شرمسار پئي ٿيس ته ايڏي پراڻي سنگت جي باوجود اهڙي مٺي ماڻهوءَ کي نه پيو سُڃاڻان! اها ته پوءِ خبر پئي ته عنايت هر ڪنهن سان اهڙي ئي محبت سان ملندو آهي. پوءِ ته ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. جڏهن به موڪلن ۾ حيدرآباد ايندو هئس ته عنايت جي عنايتن مان پيو فيضياب ٿيندو هئس. هڪ دفعي پراڻي زماني جي محفلن ۽ مجلسن جي ذڪر سان پئي دل وندرائي سون ته نصير مرزا آيو. نصير کي چيائين ته "سائين آيو آهي پڪي آهي وري اُڏامي ويندو سندس انٽرويو ۽ ڪلام رڪارڊ ڪر" ان انٽرويو ۾ به منهنجي زندگي وانگي ڇڙيل وڇڙيل ورق ڏسي نصير وعدو ورتو ته "پنهنجو ڪلام ضرور ڇپرائيندس"۔ نصير کي جس هجي جو پاڻ ڪلام سهيڙڻ ۽ سموهڻ جو بار کنيائين ۽ مهراڻ ۽ ٻين رسالن مان ڪلام گڏ ڪري ترتيب ڏئي موجوده صورت ۾ پيش ڪيو اٿس. منهنجو ان ڏس ۾ رتيءَ برابر به حصو ڪونهي.

وقت جيڪي لڙڪ ڏنا انهن "نيڻن ۾ ڏياريون" ڪيون. انهن ڏيئن جي اوهان جي روح جا اگڙ ٽورا به اُجرا ڪيا ته منهنجا سوڻَ سجايا ٿيا.

٦/١٢/١٩٩٠ع حيدرآباد — شبير هاتف

# نعت

حياتيءَ ۾ گهٽائي گـردشِ دوران جـا حملا ٿيـا
محمد مير جي صدقي سَيئي ڪم پنهنجا سولا ٿيا.

جڏهن هُـت داورِ محشر اڳـيان پـرڪـار پڌرا ٿيا،
جهليوسين پـاند پـرور جو تہ پنهنجا پاند آجا ٿيا.

جـهان ۾ ڪيترائي سونهن جـا سردار پـيدا ٿـيـا،
اهي سڀ سرورِ ڪونين جي گولن جا گولا ٿـيـا.

پرينءَ جي پار جي پانڌين جا مون پوريءَ تان پيرا ٿيا،
پلايـون پـال بي حد، وڙ وڏا، تورن تي تـورا ٿـيـا.

مديني جي موالين کي مئي ڪوثر جا نشّا ٿـيـا،
جڏهن مستي چڙهي، دارين جا اسرار افشـا ٿـيـا.

جهـانِ رنگ وبـو آبـاد جنهن دم قدم سان ٿـيـو،
اُهـي آيـا، اکين جـا آسـتـانـا ڪـيڏا اُجـرا ٿـيـا.

چـيـو هاتـف متـان گهبرائجان طوفانِ هستيءَ ۾،
محمد ناخدا جـن جـو انهن جـا پـار بيڙا ٿـيـا.

(١٩٨٩)

پهرين توتي هجي ايمان رسولِ عربي!
پوءِ ڪعبو، پوءِ قران، رسولِ عربي!
اهلِ يثرب جو اُهو شان رسولِ عربي!
جنهن تي جبريل به حيران رسولِ عربي!
ڇا سندم شان، سندم مان رسولِ عربي!
تنهنجو آهيان جو ثنا خوان رسولِ عربي!
پوءِ منهنجو ڪو ڏسي شان رسولِ عربي!
تنهنجي درجو تيان دربان رسولِ عربي!
سجدهٔ عشق روا آهه سنڌئي چانئٺ تي،
هي به هڪ نقطهِ ايمان رسولِ عربي!
مون کي اغوا ڪري تو وٽ ڪو پڄائي سائين!
زندگيءَ جو ڏيان تاوان رسولِ عربي!
احد احمد جي وچان ميم جو ويچو نڪتو،
عرش وارن ڪيو اعلان رسولِ عربي!
تو چيو آهه ته مڇيون تا ڪلام الله آهه،
ورنه ڪاغذ آهي قران رسول عربي!
تنهنجي گولن جي غلامي به شهنشاهي آهه،
تنهنجو دربان به سلطان رسول عربي!
جن جو اجرو هو اندر تن کي نظر آيو نور،
باقي انڌن لئي انسان رسولِ عربي.

تـنـهـنـجـو حـبـدار وڏو طالب مولا آهي،
هُن جا مشڪل ڪجان آسان رسولِ عربي!

مون کي آداب گهرڻ جا تہ ڪڏهن ڪونہ آيا،
ري گهريو مونکي ملي دان رسولِ عربي!

زندگانيءَ جي سفيني ۾ سـوين ڏار آهـن،
۽ گـناهـن جـو هـي طوفان! رسولِ عربي!

جن حوالو ملڪ الموت کي تنهنجو ڏنو،
تن جي سڪرات ٿي آسان رسولِ عـربي!

پنهنجي پيرن جي پٽي، پنهنجي پسيني جا ڦڙا.
منهنجي دامـن ۾ وجهو دان رسولِ عربي!

جي رنڊا روڙهيا مون تنهنجي ثنا خوانيءَ ۾،
شل هـجن شان جي شايان رسولِ عـربي!

مـحـفلِ نعت ۾ جـي لڙڪ اکـين ۾ آيا،
آخـرت جـو اُهـي سامـان رسـولِ عـربي!

هاتفِ خستہ جي هـڪـڙي ئي تمنا آهـي،
تنهنجي پيراندي ڏيان جان رسولِ عـربي!

# رباعيون

دوشيزه ۽ بدمست بهارن تي نچيو،
يا بحرِ شفق ۾ هو ڪو طوفان اُٿيو،
حيران تي ڏنو رنگ ۽ بو جو عالم،
اي منهنجا شهِ ناز متان تو مُرڪيو!

(٢٥ نومبر ١٩٦٥)

رنگين بهارن ڪان، فضا ڪان شفاف،
پاڪيزه بدن، دامنِ مريم ڪان صاف،
هر انگ مان فردوس تو جهاتيون پائي،
هر عشوي تان قربان پرستانِ قاف.

(٢٥ نومبر ١٩٦٥)

هي روپ جي مُرڪي ته بهارون ٻهڪائي،
چرڪي ته سوين نور جا ساغر ڇلڪائي،
چال اهڙي زماني کي به سهڪائي ڇڏي،
قامت کي ڏسي اوجِ ثريا شرمائي.

(٢٦ نومبر ١٩٦٥)

مون صبحِ بهاران سندو اُيرڻ ٻہ ڏٺو،
امرت سان ڀريل جام جو ڇلڪڻ ٻہ ڏٺو،
تارن جو ڪرڻ، وڄ جو ڪِنوڻ، گُلَ جو ٽِڙڻ،
مون تنهنجو قسم تنهنجو مُرڪڻ ٻہ ڏٺو.

(٢٦ نومبر ١٩٦٥)

چوليون تو هٽي تو ۾ امرت ساگر،
بيمار فضائن ٻہ جهلي تنهنجي پـر،
جئن منهنجي نگاهن کي حياتي بخشئي،
تئن حسن جي عالم کي وري زنده ڪر.

(٢٦ نومبر ١٩٦٥)

مخمور فضائون ۽ ٻهـارون سرشار،
گـردش ۾ هـئا نـور جـا ساغر تمثار،
مُرڪي مُرڪي ناز ڀريا نيڻ ڪنيئي،
مون ڀانيو تہ اُڀري تو لڪن جو ڏاتار.

(١٢ ڊسمبر ١٩٦٥)

# قطعا

محبت بي سبب ڪنهن جي ٿئي ٿي؟
محبت بي سبب بي سُود آهي،
محبت ان ڪري توسان ڪجي ٿي،
محبت تــو وٽــان مقصود آهي.
(١٩٥٨)

جهڙا تهڙا به ته تنهنجا آهيون،
ايڏو بيزار نه ٿي منهنجا ڏٽي،
يا ته پنهنجن تي رکج پيار جا هٿ،
يا ته هٿ سان ئي وري مار ڪٽي.

مونسان هن خستہ حال جي نسبت!
منهنجي غيرت سجاڳ ٿي نه پوي!
ڪــير هن نــامراد کــي سمجهي؟
مُرڳو منهنجي هٿان مري نه پوي!

قصہء رنج گر تمام نہ ٿيو،
پنهنجو قصو ڪٽي تمام ڪبو،
جي نہ خنجر وهيو تہ خود مربو،
دستِ قاتل جو احترام ڪبو.

چو نہ تو تير مون ڪي هٽين،
توڪي آهي جي شوقِ شڪار؟
جهڙي تهڙي جي پنيان نہ هل،
مارڻو ٿئي تہ ڪو مير مار.

حرمِ ناز مان جو تي آيو،
سو تہ چئبو اسان جو تي آيو،
غير ڪي چو نہ بار بار چمان،
چا ڪريان، تو وٽان جو تي آيو.

منهنجي دل جا مڪين اڪين ڪان پري!
ايترو قرب، ايتري دوري!
شيوهٔ حُسن آه جورو جفا،
هاءِ تنهنجي ڪرم جي مجبوري!

(۲۹ جنوري ۱۹۵۹ هالا)

تيغ و خنجر جي ڪا ضرورت ناهه،
مون کي ماڻن سان ماريو سهڻا!
سر ڏيڻ ۾ تہ دير ئي ڪانهي،
رڳو مُرڪي نهاريو، سهڻا!

(۸ فيبروري ۱۹۵۹ هالا)

بزمِ جانان ۾ حالِ دل اوريم!
واءِ، منهنجو ڪمالِ بي ادبي!
سنگدل سان شڪايت و شڪوه؟
ايڏي حُجت ڪڏهن بہ ڪان ڪبي!

(۸ فيبروری ۱۹۵۹ هالا)

چا چوان تنهنجي شانِ رفعت کي!
مـهر و مـاه و نـجـوم گـردِ راه،
تنهنجي پيرن جي خاڪِ اقدس تي،
آسمانن کي رشڪ تـيـنـدو آه.

(۱۹۵۹ حيدرآباد)

تنهنجي هر نازش بيجا جو قسم!
مون کي توسان ڪا شڪايت ڪانهي،
بـيـرخيءَ کـي بہ تعلق چئـبـو،
چا اها تنهنجي عنايت ڪانهي؟

(جنوري ۱۹۵۹ هالا)

منهنجي نيڻن کي تنهنجو غم گهرجي،
تنهنجي دامن کي چشمِ نَم گهرجي،
پاڻ ہئي هڪ ہئي جا حاجتمند،
پاڻ کي هڪ ہئي جو دم گهرجي.

(۱۹٦۱ ٽنڊو محمد خان)

دلڙي ويچاري درد کان ماندي،
منهنجو محبوب اڄ ٻهر گهرجي،
چشم ديوانہ وار فرشِ راه،
کو سعادت ڀريو قدم گهرجي.

(١٩٦١ حيدرآباد)

تيغِ ابرو جي هر تقاضا جو
منهنجي دل کي جواب ڏيئڻو هو،
عشق ناڪام ڪئن نہ ٿئي هاتف؟
حسن کي ڪامياب ٿيڻو هو.

مخدوم ظهيرالدين عُرف جميل الزمان جي ولادت تي سندس والد مخدوم محمد امين فهيم ڏانهن لکيل

اڄ توکي اڳي کان گهڻو مسرور ڏسان ٿو،
اڄ تنهنجي نگاهن ۾ نئون نور ڏسان ٿو،
ڪنهن ماه جبين پير سعادت جا گهمايا،
جو خانہء دل روشن و معمور ڏسان ٿو.

(٢٥ آگسٽ ١٩٦١)

آه ڪي ايذو شعلہ بار نہ ڪر!
عشق ويچارو شرمسار نہ ٿئي،
دل ازل ڪان ئي داغدار آهي،
دامنِ حُسن داغدار نہ ٿئي.

تون حسينن کان حسين آهين مگر توکان حسين،
منهنجا محبوب اٿئي منهنجي اُميدن جي ڪنوار:
ڪير ڄاڻي تہ گهڻا ڏينهن سندس رهندو سهاڳَ!
ڪير ڄاڻي تہ متان هي بہ هجي تنهنجو پيار!

(۲ ڊسمبر ۱۹٦۱)

ڪلين جئن هئا جي سراپا تبسم،
گلن وانگي افسرده آهن،
خزان وانگي جن ڪئي گلشن اُجاڙيا،
اجا تائين پائنده آهن.

(۲۷ جولاءِ ۱۹٦۱)

اوهانجو پيار تہ سنيرون ئي ڪونہ مدت کان،
اوهانجي جورو جفا کان بہ آهيون بيگانا،
ستم بہ آه اکين تي، ستم ڪريو تہ سهي!
اسين تہ ساڳيا آهيون اوهانجا ديوانا.

(ڊسمبر ١٩٦١)

ڪٿ بلبلن جا نغما ڪٿ منهنجو نالہء غم!
مولا رکي سلامت هيءَ منهنجي آه و زاري،
هن چشم ِخونچان کان شرمنده آه گلشن،
ڪن جو روئڻ بہ راحت، ڪن جو کلڻ خواري.

(١٩٦١)

اسان وٽ تہ حسرت پري دل ئي آهي،
اوهان وٽ ستم کانسواءِ ڪجھ تہ هوندو؟
سنها چپَ، اکيون مست، رخسار ڳاڙها،
اُنهن وٽ اسان لئي پلا ڪجھ تہ هوندو؟

(ڊسمبر ١٩٦١)

جي ڪنهن ياد نہ پيا ڪير اُهي سارِيندو؟
ڪير هڪ خستہ جگر لاءِ هنجون هاريندو؟
اي دلِ زار تون ڪنهنجي بہ تمنا ئي نہ ڪر،
ڪير ويران مزارن تي ڏيئا ٻاريندو؟

(ڊسمبر ١٩٦١)

نگاہِ مست سپ ڪنهن ڏي نہ ڪر،
ڪرم ڪي ايڏي ارزاني نہ ڏي،
ڪٿي زاهد ڪٿي صهباءِ ناب
ڪُتي کي کٽڪَ جي ماني نہ ڏي.

(١٩٦١)

عشقَ ويچاري اچا چکيو ئي ڪونَہ،
تنهنجي نيڻن مان شرابِ زندگي،
مطربِ غم اهڙو نغمو ڇيڙيو،
پئي ٽٽي تارِ ربابِ زندگي.

جيسين چراغ دل ۾ سھڻا، خونِ تمنا باقي آھي،
تنھنجي محفل رنگين رھندي تنھنجون راھون روشن رھنديون،
جيسين اکڙين ۾ آب آھي، جيسين ٽڏڙيون آھون آھن،
تنھنجي صحنِ بھاران جون آڪاٽيون گلشن گلشن رھنديون.

(جنوري ١٩٦٢ حيدرآباد)

ٻڌوسين اگڻ تي اچڻ وارا آھيو،
ھيون رات اکيون چراغان چراغان،
مگر صبح جو ھاءِ دستور موجب!
سندءِ زلف وانگي پريشان پريشان.

(جنوري ١٩٦٢)

چمن وارن گھٽئي تيڙيو چپن کي،
ڪڏھن ڪنھنکي نہ آيو تنھنجو مُرڪڻ،
مگر تنھنجو قسم ھن دل جي زخمن،
سدائين پئي نيايو تنھنجو مُرڪڻ.!

(جنوري ١٩٦٢)

تنهنجا چپَ غيرت، تسنيم سهي!
منهنجي قسمت ۾ رهُو تشنہ لبي،
تون تہ فياض گهڻي پيو سڏجين،
ڪا اسان تي بہ عنايت تيندي!

جڏهن ملنديون نگاهن سان نگاهون،
دلين جا ساز هم آهنگ تيندا.
عجب بزم، فلڪ ۾ رنگ هوندو،
قمر بربط، ستارا چنگ تيندا.

(جنوري ١٩٦٢)

آئون ساڳيو گداءِ بوسہ، لب،
منهنجون آهن گذارشون ساڳيون،
تون بہ ساڳيو سخاوتن جو بحر،
تنهنجون گهرجن نوازشون ساڳيون.

ڪيڏيون معصوم تمنائون ڪُهي ڇڏيونسين!
بزمِ جانان کي نئين رنگ ڏيڻ جي خاطر،
ڪيترا پيرا انهيءَ در تي مُئا هونداسين!
رڳو هڪ پيرو جيئڻ وانگي جيئڻ جي خاطر.

(جنوري ١٩٦٢)

سينڌ ۾ حسرتن جو خون وجهي،
ياس جي سيج تي اچي ويٺي،
هاءِ معصوميِ عروسِ دل!
ڪنهن نه اچڻي جي انتظار ۾ هئي.

(جنوري ١٩٦٢)

اسان ڪجهه ازمايو پنهنجي دل کي،
اسان ڪجهه آزمايو تنهنجو مُرڪڻ.
اچا ڦتڪن تا دارا ۽ سڪندر،
ڇڏي تو نَر نمايو تنهنجو مُرڪڻ.

(جنوري ١٩٦٢)

جي ڪاھ چمن زيست جو سينگار ڏٺاسون،
اڄ دوش خزان تي بہ اُهي بار ڏٺاسون،
ڪئين چنڊ ڪان موچارا ستارن ڪان سونهارا،
گيسوءِ شب غم ۾ گرفتار ڏٺاسون.

مُرڪَ لئي سڪندا رهيا زخمن جا گُلَ،
فصل گل اچٽي هئي، آئي، وئي!
ڪن جا گلشن تنهنجي دم سان گلفشان،
مون کي تنهنجي ياد ئي ڪائي وئي.

هر طرف ياس ۽ حسرت جا جنازا ڏسبا،
منهنجي دل گورِ غريبان ڪان سواءِ ڪجھ ناهي،
عشق ڇا آهي؟ ڪَلي، سا بہ خزان جي ماريل،
زندگي گلشن ويران ڪانسواءِ ڪجھ ناهي.

(١٩٦٢)

تون لکڻ ساڻ کو لکي سگھندين؟
منھنجا محبوب سائين موچارا!
رُخ تان لاهي حجاب زلفن جو،
سج کي سُپ ڏئي ڏيکڻ وارا!

(جنوري ١٩٦٣)

هي نيڻ ناز پريا شل خماريا ئي رهن!
سدا گلاب چپن ۾ سدا بهارون نچن!
خدا ڪري تہ سلامت هجي جُڳن تائين،
انهن جي آسري مون جهڙا ڪيترا تا جيئن.

هئا گهٽيئي فروزان چراغ زخمن جا،
سهائي ڪان دلِ برباد بي خبر ئي رهي،
هزار مهر درخشان رهيا رِ مژگان
شبِ حيات تہ بيگانہءِ سحر ئي رهی

(جون ١٩٦٣)

هُت متي بندرقبا کوليو عروسِ ماهتاب،
هِت هٽايو ڪنهن سراپا نور چهري تان نقاب،
روشنين پنهنجا پکيڙيا پَر سڄي عالمَ مٿان،
دل جي ويرانين مگر ڇڏيو نہ پنهنجو آب و تاب.

(اپريل ١٩٦٣)

تنهنجا چپ تسنيمہ اکيون سلسبيل،
منهنجي نيڻن ۾ ازل کان تشنگي!
هاءِ مون بدبخت جي قسمت تي حيف!
تنهنجي در تان هِئن اُجيو ويندس مري.

(اپريل ١٩٦٣)

هي ٽڏيون راتيون ٽڏيون چانڊوڪيون،
هن گهڙيءَ جو پي وڃي سو جي وڃي!
ساقيِ فياض چشمہ فيض کڻ!
اڄ تہ مولا جي ڏني مان تي وڃي.

تنهنجي عارض ۾ هجي شال بهارن جو رنگ،
دل جون ويرانيون آباد ٿين يا نه ٿين.
تنهنجي نيڻن جي مسيحائي مبارڪ توکي،
تنهنجي رندن جو ڪٿي ياڳ جڙن يا نه جڙن.

(اپريل ١٩٦٤)

مئي ٻـ آهي هـزار قسمن جي،
۽ پيئڻ جو حساب ئي ڪونهي،
تو جا نيڻن منجهان پياري هئي،
تَنهن جو سهڻا جواب ئي ڪونهي.

(١٩٧٢)

مون سنڌئي موهڻي مورت تي ٽڪايون اکيون،
هڪ گهڙيءَ لاءِ اکين ساڻ ملايون اکيون،
جهڙو تون پاڻ، حياتي تي لڳي اهڙي حسين،
تو جڏهن مُرڪي ۽ شرمائي جُهڪايون اکيون.

(١٩٧٢)

تو نشيلي نگاهن سان ڪجھ هو پياريو،
آئون هڪ مستيءِ جاودان ۾ جيئان پيو،
تو زمانو ٿيو مون ڏانهن مُرڪي نهاريو،
آئون اڄ تائين گُل جئن ڪلان پيو، ٽڙان پيو.

(١٩٧٢)

تو جيئن شالَ! جئن دل ۾ تشريف فرمائي آهي؛
منهنجي هر آس ۾ تنهنجي عارض جي رعنائي آهي؛
آرزوئن، اُميدن ته ايڏيون ڪيون گلفشانيون،
موسمِ گل به اڪثر ڪري مون ڪان شرمائي آهي.

(١٩٧٢)

اڄ اهلِ چمن ۾ تا هلن تنهنجا فسانا،
ڏسجن ٿيون گل و لاله ۾ تنهنجون ئي نشانيون،
مون ڪي به ته ڏيکار اُهو شوخ تبسم،
ٽڙپايو ڇڏين جنهن سان بهارن جون جوانيون.

مخمور نگاهن جا سوين مست اشارا،
معصوم ادائن ۾ عجب شوقَ جا پيغام!
بيساخته مُرڪڻ ۽ وري مُرڪي نهارڻ،
ڪنهن ڪنهن کي مليا هوندا اهي عشق جا انعام!

تنهنجي نازڪ هٿن جو آهه خيال!
قاتليءَ جو ڀرم ڪلي نه پوي!
تيغ آهسته ۽ سنڀالي ڪڻ!
دشمنن کي متان ڪي ٿي نه پوي!

هي ادائون جناب ڇا چئجي!
اي نزاڪت مآب ڇا چئجي!
حُسن ۽ سو به تنهنجو حسن، سڄڻ!
پاڻ پنهنجو جواب، ڇا چئجي!

ووڊڪا، وسڪي، براندي، ڪنترو چنزانو، رم،
تنهنجي نيڻن جي نشي جا روپَ آهن بي حساب.
مون سڀ ڏٺي دنيا ڏٺي، دنيا جا ميخانا ڏٺا،
پر اهي اکيون! انهن اکين جو ڪونهي جواب.

عدن Rock Hotel
(جون ١٩٨٠)

مون ڏٺا آهن جهان ۾ حُسن وارا بي شمار،
ڪِن تان چانڊوڪيون فدا، ڪن تان فدا رنگِ بهار،
ڪِن ۾ پَرين جا مهانڊا ڪِن ۾ حورن جا نشان،
پر مٺي محبوب جي هڪڙي ادا تان سڀ نثار.

(اَگسٽ ١٩٨٣)

ڪانگن جي ڪانءِ ڪانءِ ۾ ڪوئل نہ ڪوڪندي،
چيرن جي هوندي باغ ۾ چيھا نہ چهڪندا.
آدابِ گلستان ۾ هيءَ ترميم ڪئي اٿئون،
بلبل نہ تيندي نغمہ سرا گل نہ ٽهڪندا.

(١٩٨٧)

خبر نہ آھ تہ ھاتف ڪٿي وڃايوسين،
سندس ڪلام جي رنگينين کي ساريون ٿا،
غزل جي جان ھو جن جو جمالِ ھوشربا،
انھن حسين پري زادين کي ساريون ٿا.

(جون ١٩٩١)

آخري عرض آخري پيرو
ڪر ڪو پوريءَ مٿان اچي پيرو
زندگي جو تہ سج لھي ويندو
تون نہ آئين سڄڻ جي ھي پيرو!

١٨ ڊسمبر ١٩٩١
حيدرآباد

مون کي سڙڻ ڏجو، سورن جي باھ ۾ جي سڙان،
مگر مٿان پڇو، ھي ڪنھن جي ٻاريل آھي،
مران تہ منھنجي قبر تي بس ايترو لکجو،
ھي يار پنھنجي پيارن جو ماريل آھي.

٢٣ جنوري ١٩٩٢
حيدرآباد

# غزل

قتيلِ خنجرِ ابروءِ فتنہ بار آهيان،
جئان تـو، چـو تہ شهيدِ جمالِ يـار آهيان.

جمالِ تيرِ نظر داغ دل جا خندان ڪيا،
خدا جو شڪر! خزان ۾ بہ لالہ زار آهيان.

جنابِ شيخ نہ چاڻان تو چـاهي دير و حرم،
دوئي کان دور پرستارِ چشمِ يـار آهيـان.

گـلن چـڏي ڏنـو، ڪـنڊن اچي جهلي دامن،
مان تنهنجي حسنِ نوازش کان شرمسار آهيان.

خزان رسيده دلِ زار ۾ اچي ويـنـين،
تون آهين جـانِ بهار ۽ مـان خود بهار آهيان.

يلا بـڌاءِ تہ مون کـان سواءِ ڪيئن سرنديءَ،
تون آهين منهنجو سڄڻ ۽ مان تنهنجو يار آهيان.

اجـل بـہ آيـو تـہ آيـو شـبِ فـراقِ اي دل!
تـهہ مـزار بـہ مضطر ۽ بـيـقـرار آهيـان.

پـري پـري وڃـي پهتـو سڄڻ فسانهءِ عشق،
خطا معاف! سراپا تيو اشتهار آهيان.

نہ تـو وسـاري سگهان ۽ نہ توکـي ساري سگهان
يـقـيـن اتـم تہ اي شـبير يـادِ يـار آهيـان.
(جون ١٩٥٧)

تنهنجي يادن جون بهارون، تنهنجي غم جون لذتون،
دل جـي دنيا ۾ تہ آهن راحتون ئي راحتون.

اي غمِ جانان! خدا بخشئي حياتِ جاودان،
زندگي ڀر ياد رهنديون دل کي تنهنجون قربتون.

تنهنجي ديوانن جي قسمت ۾ ڪتان آئي بهار!
بس، جئون پيا ياد ڪريو ڪي سکن جون ساعتون.

ڪوتونگرمنهنجي چشمِ نم سان مَٽ ڪئن تي سگهي؟
ڪيــر لڙڪــن جــي خزانن جون لڳــائي قيمتون.

ميڪدي جي در سوا ٻي پاڙ کي ڪانهي پروڙ،
اي حرم وارا، اوهين ڇاڙو اوهان جون جنتون.

تنهنجو حسنِ دلنواز آمادهٔ مهر و ڪرم،
تنهنجي شوخين ۾ نگاهہ شوق لئہ ڪَيئن دعوتون.

تون اهو ساڳيو ئي بيگانن جيان هلندو اچين،
عشق ويچارو اجان ساري ٿو تو ۾ حُجتون.

تنهنجي نيڻن ۾ طهورا جو شراب،
پيار کو جام، اتئي ڪارِ ثواب.

ڪنهن جي مژگان تي عطارد ۽ شهاب،
ڪنهن جي جهوليءَ ۾ جُهلي پيو مهتاب.

تنهنجي عارض ۾ عجب رعنائي،
تنهنجي عارض ۾ بهارن جو جواب.

تنهنجا هٿ، دستِ صبا جهڙا هٿ،
اورتي ڪر تہ چمي دل جو گلاب.

حسن تي ايترو بانور نہ ڪريو،
عشق هن دور ۾ آهي ناياب.

هٿ ۾ خنجر ۽ اکين ۾ پاڻي!
تون نہ تو ڄاڻين ستم جا آداب.

تنهنجو ڪم ناهي کُهڻ ڦتڪائڻ،
تنهنجي هٿ ۾ تو سُنهي جامِ شراب.

شيخ پارا جي ويا جنت ۾،
پوءِ خدا ڪان تہ وڙهي ونبو عذاب.

سچ چئون تا ڪو مڃي يا نہ مڃي،
پنهنجو تيو آهي، نہ تيندو ڪو جواب.

هاتفِ خستہ جي گستاخ نظر،
تنهنجي عارض ڪي چمڻ لئي بيتاب.

عشق منهنجو تيو راهبر آهي،
منهنجي منزل تہ تنهنجو در آهي.

ساقيا پيارڙو هجئي تہ پيار!
زندگي پنهنجي مختصر آهي.

شال محبن اڳيان تئي مقبول،
نذرِ تيغِ نظر جگر آهي.

ڪجھ ڏسي وائسي ٿُڏا هڻجن،
تنهنجي در تي تہ منهنجو سر آهي.

پر ﻣﮱ ويهي رقيب کي پائڻ،
هي بہ مارڻ جو هڪ هنر آهي.

ڪِيئن نڏڪو ڪريو ڦتائين تو،
منهنجي دل ناهہ، تنهنجو گهر آهي.

محتسب آهہ مستقل آزار،
ميڪشن لئي تہ دردِ سر آهي.

سر ڏيڻ کان گُريز ڪنهن تي ڪيو؟
هيءَ تہ پنهنجي پراڻي پر آهي.

شوق ِ سجده کان تي جبين تڙپي،
يار شايد تيو جلوه گر آهي.

هاڻ هاتف تون سر تان سانگو لاهه،
چشم ِ جانان تي عشوه گر آهي.

بزمِ طالب المولىٰ، شاخ قلعو، حيدرآباد جي هفتيوار ڪچهري جي في البديه مشاعري ۾ چيل

٦/٣/٥٨

هي ڪنهنجي حُسن بهار اِفرين جو آهہ اثر،
دمن دمن تي گلستان، چمن چمن ۾ بهار.

جناب پير مغان جي سخا کي رات ڏٺم،
قدح قدح ۾ شراب ۽ نظر نظر ۾ خمار.

شراب تنهنجي نگاہ ڪرم جون ممنون آهہ،
يري يري تہ ڏنئي پر ڪِلي ڪِلي کو پيار!

خبر اٿئي شهہ خوبان اڳيان نہ ڪنڌ ڪٽبو،
ادب ادب دل ِ مضطر! وري وري نہ نهار!

جلوه گر آهي خط جام شراب،
ذره ذره ۾ ڏسان ٿو آفتاب.

اِڄ تہ پياريو ساقي ِ عزت مآب!
آهي پيري ۾ وري آيو شباب.

هِيئن نہ ٿي پير مغان سان بي حجاب!
ڪجهہ ادب ڪر اي دل ِ خانہ خراب!

تلخي ِ غم کي متائڻ واسطي،
قطرۂ خون جگر آ لاجواب.

خانۂ ويران جو شان آهي بلند،
منهنجي گهر آيو هلي اڄ ماهتاب.

هاڻ رسمِ چاڪِ دامان ڪي ڇڏي،
عشق ۾ آڻيون نئون ڪو انقلاب.

مون وسايو ميڪدو ۽ هن حرم،
تون ئي چئُ ڪئن آهي منهنجو انتخاب.

(۳۰ اپريل ۱۹۵۸)

رُوءِ تابان تان نثار،
شعلہ و برق و شرار.

مستيِ جوشِ بهار،
دامنِ گل تار تار.

تيغِ ابرو ساڻ مار!
خاتمو تئي شاندار.

حُسنِ جانان جي بهار،
زخم تي ويا مشڪبار.

عشق آهي نغمہ سنج،
حُسن تيندو اشڪبار.

چشمِ ساقي جو ڪرم!
شيخ و واعظ ميگسار.

رند زاهد ڪئن ٿئي؟
رخش ڪو تيندو حمار!

دستِ قاتل تي لَهوُ!
چڻ ترِيءَ تي لالہ زار.

تون پلي هڪ پيرو اچ،
آئون ايندس بار بار.

اچ وچڻ واري نہ ڪر،
ڪنهن ڪان تيندو انتظار؟

اي طـبيب ِدرد ِاُلفـت اي حبيب ِجان ِمن!
اي سرور دل، علاج ِ حسرت و رنج و محن!

اي نگـار ِنـازنين، اي زينت ِبزم ِچـمـن!
گل رخ و گلفام و گل اندام گل بوء گلبدن!

تون جي مُرڪين تو تہ ڪليون دل سنديون ٽڙيو پون،
حُسن ِگل توکي ڏسي ٿو پاڻ تي ٿئي خنده زن.

چشم ِگل گون جِئن ڪُلي، آباد ٿيا دشت ودمن،
تنهنجي زلف ِعنبرين تي مست آهوءِ ختن.

تو اڳيان آهن بتان ِماهہ وش سجده فگن،
بيشڪ آهن اي صنم تنهنجون ادائون بت شڪن.

تنهنجا ابرو عاشقن کي ٿا اشارن سان ڪُهن،
تنهنجا چپ، تنهنجي جبين، تنهنجون اکيون، موهيو وجهن.

تـون امـير ِحـسـن ۽ تـون شـاه ِخوبان ِزمن،
ڪيئي ڪوهن تان ڪهيو توکي اچيو پيرين پون.

تـوتـان جـي قـربان ٿيا سـي ٿا سـدا زنده رهن،
تنهنجي در تي روز ڪيئي ٿا مرن ڪيئي جيئن.

پاڻـکـي چا چا ٿا سـمـجهن عاشقان ِخستہ تن،
تن کي ڪنهنجي ڪاڻ هوندي جنکي تو جهڙا ملن.
پيڪـر ِحـسـن ِمـڪـمل آهـين اي سيمي بدن،
تون يقين ڄاڻج تہ هي منهنجو نہ آهي حسن ِظن،

آتشِ عشق شعلہ ريز نغمہء جانگداز ۾،
سينہء ني نواز ۾، مرڪزِ سوز و ساز ۾.

ساقيِ ماه وش پيو باده ڪشن ڪي چا ڪپي؟
ڪيف هو، بي خودي هئي تنهنجي نگاهِ ناز ۾.

وقتِ سحر، نسيمِ صبح، فصلِ بهار، گلستان،
ڪجھ تہ پيار ساقيا! ساعتِ اهتزاز ۾.

راز و رموزِ حُسن و عشق ڳولهي لڌم سڪيم هتي
تنهنجي حريمِ ناز ۾ سجده گهہِ نياز ۾.

هي جي ڪليون تہ قهر و غيظ، بند تين تہ مرده ڳي
ساري جهان جون قسمتون ديدهٔ نيم باز ۾.

(١٩٥٨)

هُنن سان قربت اجا بہ آهي، مون کان حقارت اجا بہ آهي،
تڏهن بہ ڪمر بخت دل کي توسان اُها محبت اجا بہ آهي.

اي ساقيِ دلنواز ڪيڏا نہ جام و مينا جا دور هليا!
مگر مون کي تنهنجي دستِ فياض سان شڪايت اجا بہ آهي.

اوهانجي جورو جفا گوارا، اوهانجون سڀ نازشون اکين تي،
مزاجِ نازڪ کي بيڪسن ساڻ ڪا شڪايت اجا بہ آهي؟

ڪڏهن بہ گلشن ۾ زلفِ مشڪين کي هيئن نہ چوڙي چڏج ڪلهن تي،
نسيمِ صبحِ بهار اي دوست! بي ديانت اجا بہ آهي.

مان تنهنجي عطائن تان صدقي تون منهنجيون خطائون ياد نہ ڪر!
محبوب هلي آءُ دل ۾ ويهہ، هئن پنهنجو گهر برباد نہ ڪر!

هي عشق ۽ حسن جا افسانا چئبا تہ نگاهن ۾ چئبا،
اي ڪنهن جي محبت جا ماريل محفل ۾ ويهي فرياد نہ ڪر!

هر شاخ تي چيرن جو مسڪن، هر ڪنجِ چمن هڪ ويرانو،
هن حال ۾ بلبلِ زار ڪي اي صياد اجا آزاد نہ ڪر!

هت ڪيئي ڪليون ڪِلندي ڪِلندي خون ۾ ڳاڙهيون ٿي ونديون،
بهتر تہ اهو آهي جاني ويرانہ، دل آباد نہ ڪر.

تون مون سان پيار ڪرين نہ ڪرين، مُنهڙو تہ پسائيندو رهندين!
دنياء دل برباد سهي دنياء نظر برباد نہ ڪر!

غمِ جانان، غمِ جهان، غمِ دل،
پنهنجي دنيا تہ آهہ غم ئي غم.

چشمِ گريان ۾ ٻاريو قنديل،
ظلمتِ غم کي پيا ڪريون برهم.

ڪو وفا ڪيش در تي بيٺو آهہ،
سائين هيڏانهن بہ ڪا نگاهِ ڪرم!

هن جهان ۾ خوشي ڪٿي ٿي ملي،
گُلِ خندان بہ آهہ چشمِ نم.

غمِ دوران ڪي ڪير ڪونہ پڇي،
مون کي ماري ٿو دوستن جو غم.

چشمِ نم ۾ عجيب مستي آهہ،
ڇڻ تہ گلَ پيا پين مئيِ شبنم.

تون بهرحال منهنجو آهين سڄڻ،
پوءِ آه و فغان جو ڪهڙو ڪم؟

منهنجون محروميون پيون جوڙين،
روز نئين شان سان نئون عالم.

عاشقِ زار جو متاعِ زيست،
دردِ دل، داغِ هجر، اشکِ غم.

ترس! ظلم و ستم جي ڪر تڪميل،
غم ِ جانان! ڇو ايتري تعجيل؟

ڪهڙي تفريق ِ حسن و عشق ڪجي،
نڪهت و گل جو رشتو بي تفصيل.

يار جو در ڇڏڻ محال آهي،
فطرت ِ عشق تيندي ڪئن تبديل؟

شب ِ فرقت ۾ ياد جو عالم!
چشم ِ گريان ۾ تا ٻرن قنديل.

هر ادا لاجواب، لاثاني،
حسن ِ محبوب حسن جي تڪميل.

آه و زاري ڪي ڇڏ اي حال ِ زار!
شڪوهء حسن عشق جي تذليل.

بادهء ناب پي ۽ ڪُسجي وڃ،
ساقي ِ برق وش جي ڪر تعميل.

صحبت ِ يار ۾ هي تلخي ِ غم،
شهد ۾ زهر ٿي ويو تحليل.

رند و واعظ جو ڪئن نباهه ٿئي،
مختلف روح مختلف تشڪيل.

٨٥٦/١٥/١١

نگاهِ تيغ زا جيءِ رقصِ بسمل جي خبر پوندي،
خدا جو سونهن تہ اڄ ئي رنگِ محفل جي خبر پوندي.

اِجهو هو ساقيِ نورِ مجسم جلوه گر ٿيندو،
جناب شيخ! هن محفل ۾ دل دل جي خبر پوندي.

سراغِ منزلِ هستي رموزِ عشق ۾ ملندو،
خردوارن کي ڪهڙي حق و باطل جي خبر پوندي؟

مِسِ دل کي بنائي سون خالص تو ڇڏي اڪثر،
مونکي ڏسندا تہ شانِ حسنِ ڪامل جي خبر پوندي.

تون ڀرين پيچ پائي پوءِ وسارين تو تہ مارين تو،
دلِ بيمار مان تنهنجي تغافل جي خبر پوندي.

اي هاتف! جي جنون ۾ يار کي چُميم تہ پوءِ ڪونهي،
ڀلا مستن کي ڇا آدابِ محفل جي خبر پوندي؟

(٢٦ آڪٽوبر ١٩٥٨) هالا

[تاريخ ۲۸ آڪتوبر ۱۹۵۸ هالا مان موٽندي محترم محبوب سروري ۽ هاتف جو لاريءَ ۾ چيل في البديهه غزل

۾ هن گهڙيءَ مان جي يار گذري ها،
باغ مان چڙ بهار گذري ها.

ھ قرب وارا تين ها جي ڪانڊي،
۾ هي سفر خوش گوار گذري ها.

ھ عشق جي جانگداز آه و فغان،
حسن کي ناگوار گذري ها.

۾ دل تي غيرن کي قيھ ڏيان ها پر،
يار کي ناگوار گذري ها.

ھ جيڪڏهن تون هجين ها مونسان گڏ
ڪئن نہ فصلِ بهار گذري ها!

۾ حالتِ دل بيان ڪريان ٻہ ڪٽي،
تنهنجي دل تي هي بار گذري ها.

ھ عاشقِ زار کي ڏسي روئندو،
۾ هرڪو ئي بيقرار گذري ها.

ھ هر گهڙي پنهنجو حالِ دل اورڻ،
طبعِ نازڪ تي بار گذري ها.

(١٦ نومبر ١٩٥٨ - تيز گام ۾ لاهور کان ايندي، رات جي اڪيلائيءَ ۾ لکيل ڪجهه سٽون)

توکي ڏاڍو تي ساريم سهٽا،
دل کي ويني ڏتاريم سهٽا.

تنهنجي دستِ ڪرم ڏي آهه نظر،
تو ۾ حجت تي ساريم سهٽا.

تنهنجي ارشاد تي چڏيم توکي،
تنهنجي لئي پاڻ ماريم سهٽا.

تنهنجي ناز و ادا تان قربان تي،
تنهنجو نالو اُجاريم سهٽا.

زندگي حادثات ۾ گذري،
ڪونه پوتو ڪو پاريم سهٽا.

زلف جي پيچ و خم کان واقف تي،
زندگي کي سنواريم سهٽا.

سائي ساعت سندم سجائي تي،
جيڪا توساڻ گهاريم سهٽا.

چشمِ مخمور مان جڏهن پيتم،
خون دل جو پياريم سهٽا.

هجرَ جي رات ۾ پرائو ڏيهه،
ڪلَ اتئي ڪئن گذاريم سهٽا؟

حسن کي بيقرار ڪير ڪري!
عشق کي داغدار ڪير ڪري!

منهنجو گل رُو سدا شگفته آهي،
انتظارِ بهار ڪير ڪري؟

سنگدل سان اسين نباهيون پيا،
پر اسان سان پيار ڪير ڪري؟

ڪنهن تصور ڪيو ته ڪُسجي ويو،
ذڪرِ ابروءِ يار ڪير ڪري!

تنهنجي حسنِ ڪرم کي ڇا چئجي،
مهربانيون شمار ڪير ڪري!

منهن تي چڙهبو، شڪايتون ڇڏبيون،
وصل کي زهر مار ڪير ڪري.

شيخ کي آچبو ته پي ويندو،
زهد کي شرمسار ڪير ڪري!

پاڻ وٽ جهوپڙي به ڪانهي ڪا،
فڪرِ برق و شرار ڪير ڪري!

جيڪو پرندو سو ڪنجهندو هاتف،
آه تي اختيار ڪير ڪري.

هالا ـ ١٤.١١.١٩٥٨

تون ٻلي ڪر بي رُخي تنهنجي خوشي،
آهه منهنجي زندگي تنهنجي خوشي.

هر تمنا کي ڪيم توتان نثار،
مدعاءِ آخري تنهنجي خوشي.

محب هي ماڻا وري ڪنهن سان ڪندين؟
پاڻ ويندا سون مري، تنهنجي خوشي!

اڄ رقيبن سان تئي ها فيصلو،
مون کي آڏي تي ڦري تنهنجي خوشي.

الله ڪيڏو رنگين دور هو،
هئي جڏهن منهنجي خوشي تنهنجي خوشي.

يارَ جي قدمن کي اي دل! ڪيئن ڇڏيان،
آهه ڏادي قيمتي تنهنجي خوشي.

واڳ تنهنجي وس، وٺي جيڏانهن وار،
اي رفيقِ زندگي! تنهنجي خوشي!

پنهنجي هٿ سان ويهي پنهنجن کي ڪُٺئي،
مهربان! هي ڇا ڪئي! تنهنجي خوشي.

جنهن ۾ تون خوش تنهن ۾ خوش رهبو سدا،
آهه هاتف جي خوشي تنهنجي خوشي.

۳.۱.۱۹۵۹
حيدرآباد

يلي اسان سان هلي ناز بي نيازانہ،
اسانجو رهندو تعلق نيازمندانہ.

زماني ڪيڏو سنلم بي ڪسيءَ جو سات ڏنو،
ستم ستم جو توجہ رهيو ڪريمانہ.

مونکي بہ پنهنجي قريبن ۾ چو نہ تا ڳڻيو،
اوهانجي حسنِ جفا کان نہ آهيان بيگانہ.

اسين ازل کان اوهانجا نيازمند آهيون،
اوهين ئي ڪڏهن کان رهو تا بيگانہ.

صبا تي ساغرِ گل مان پيئي مئيِ نگهت،
شجر شجر ۾ تا ڏسجن هزار ميخانہ.

١٥.٢.١٩٥٩
ڪراچي

آهيان قتيل خنجرِ حُزن و ملال جو،
يعني اسير فتنۂ حسن و جمال جو.

ڪٿ زاهدِ حرم ۾ ڪٿي مي ۾ ميڪدو،
هي فيض آهي ساقيءِ چشمِ غزال جو،

هن حال ۾ به ساھ سان سانديي تي يادِ يار،
توراڻو رهان تو دلِ پُرملال جو.

دورِ خزان ۾ باغِ دلِ زار گلفشان،
اعجاز آھ ديدۂ جادو مثال جو.

توصيف تي ڪجي ته تو محدود حسن تئي،
ڪهڙو ڏجي مثال عديم المثال جو؟

ساقي جي درتان جيڪي مليو سو اکين تي رک،
اي شيخ! تار فتنو حرام و حلال جو.

چا چا چيو تي ديدۂ حيران جي خامشيءَ
ثاني نه ڪو شريڪ هو زهره جمال جو.

اي حالِ زار! حالِ دل اورڻ فضول آھ،
هڪڙو به ناھ بزم ۾ پنهنجي خيال جو.

فضل و ڪمال جي ته هتي ڳالھ ئي نه ڪر،
"هاتف" هي دور آهي ڪمالِ زوال جو.

١٩٥٩

غمِ فراق صنم نغمہ بار تي نہ سگھيو،
انھيءَ ڪري ھي غزل شاھڪار تي نہ سگھيو.

سواءِ شوقِ وصال ۽ فراقِ ماہ لقا،
تلاشِ يار ۾ منھنجو ڪو يار تي نہ سگھيو.

جي اوچتو رخِ محبوب بي حجاب ٿيو،
تہ پوءِ حُسنِ قمر آشڪار تي نہ سگھيو.

اي شيخ! جنت و حور و پري جون ڪر نہ سڏون،
رھينِ زوقِ ھوس ڪامگار تي نہ سگھيو.

جھلي سگھيو نہ جو تيرِ نظر جو تاب، اُھو،
وصالِ يار جو اميدوار تي نہ سگھيو.

گھمائي پير جتان ويو ھو يار، جانِ بھار،
بوستان تہ ڪڏھن بي بھار تي نہ سگھيو.

مان بي خوديءَ جي حقيقت نٿو ٻڌائي سگھان،
گھٽو ئي غور ڪيم اختصار تي نہ سگھيو.

جھانِ عشق ۾ شبير! مون ڏٺو اڪثر،
جو بيقرار ٿيو، باقرار تي نہ سگھيو.

١٩٥٩

ڏني جنھن تيغِ ابرو سو سرِ تسليم خم تي ويو،
جو آيو عشقَ جي مقتل ۾ اُن جو سر قلم تي ويو.

خدا جو شڪر، ھاڻي جنتين ۾ تيو شمار آھيان،
جو منھنجو اھلِ ميخانہ جي خدمت ئي ڌرم تي ويو.

اسانجي گُھر گھٽي جي ناھ، واعظ تون ئي وينو پي،
ملي جي سُرڪ ساقي کان تہ سمجھو پنھنجو ڪم تي ويو.

اي چشمِ باده گون! دير و حرم ميخانہ تي ويندا،
جي تنھنجو واعظن ۽ زاھدن تي ڪجھہ ڪرم تي ويو.

جمالِ يارِ مھوش جو ڪرشمون ناھ ڇا يارو!
جو ھُن تي جئن نظر پيئي، علاجِ رنج و غم تي ويو.

بھارِ حُسنِ جانان جو بہ مان تورائتو آھيان،
ھو آيو، منھنجو اُجڙيل باغِ دل، باغِ ارم تي ويو.

سندم رنگِ تغزل کي ڏسي ھاتف چيو ھڪدم،
تہ شبيرِ سخنور شاعرِ اھلِ قلم تي ويو.

سروري اسلاميہ ڪاليج ھالا جي طرحي مشاعري لاءِ چيل

١٩٥٩

درد ڏئي دل کي ڏتارين جاني!
يعني ماريو تو جيارين جاني!

غمزه و ناز جي خيرات ڏئي،
پينڙاتن کي تو پارين جاني!

مرتبو تِن جو شهيدنکان متي،
جِن کي تو مُرڪ سان مارين جاني!

اڄ تہ ڪا سُرڪ ڏيارين جاني!
مانَ مئلن کي جيارين جاني!

ورهہ ۾ تنهنجي وسايان واري،
واڳڙيون وصل جون وارين جاني!

جيڪي توکي نہ وساري سگهندا،
تن کي تون ڪئن تو وسارين جاني!

حُسنَ وارا تا مَتئي ساهہ ڏين،
نازَ مان جي تو نهارين جاني!

زهر طرياق يقيناً تيندو،
پنهنجي هٿَ سان جي پيارين جاني!

لهر لوڏن ۾ تون ئي ياد آهين،
ٻيڙيون پار اُڪارين جاني!

۱۹۵۹ ـ هالا

ڪٿي آئون ڪٿ شانِ دستِ ستم!
انهيءَ کي تہ چئجي تو حُسنِ ڪرم.

اسين بينيازان، لوح و قلم،
اسانجو مقدر اوهانجو ستم.

اسان لئي سندئي در تيو بيتِ حرم،
اسانجيون جبينون اوهان جو قدم.

اوهانجا پرستار آهن لَکين،
اسانجو سهارو اوهانجو ستم.

اِجهي تنهنجا ديوانا آيا اتئي!
ڳچيءَ منجهہ ڳارا ۽ باچشمِ نم

سندئي خشم تو حشر برپا ڪري،
سندئي مُرڪ سان ليڪ ڪليوارم.

متان عشق مجبورِ نالہ تئي!
الاهي حسينن جو رکجئين پرم.

زماني جا اسرار ڪنهن کان پڇون،
ڪو سمجهي سگهيو زلف جا پيچ و خم؟

وساري چنڊ شيوهٔ حسن آهه،
اسين عشق ۾ آهيون ثابت قدم،

شڪايات جو سلسلو ٿيو شروع،
اڃا عشق ۾ آهه پهريون قدم.

۲۹.۵.۵۹ حيدرآباد

سحر آشنا تي شبِ زندگي،
نگاهِ ڪرم جي ملي روشني.

سڪندر ۽ دارا رهيا سرنگون،
جڏهن ڪان وٺي توسان نسبت رهي.

غمِ عشق جا ڪير گهوٽا پيي!
اها آهه منهنجي ئي دريا دلي.

بهارن جون رنگينون تيون فدا،
رُخِ زرد تي اشڪِ خون ڪي ڏسي.

اچا مس لتو گل رُخن جو خيال،
بهارن وري باهه پاري ڏني.

خدائيءَ جي دعويٰ هئي بي دليل،
سرِ عجز جيسين نه ڪئي بندگي.

سندم چشمِ پرخون ۾ هردم بهار،
سندئي حسن جي رنگ ۽ بو عارضي.

خدا ڪنهن کي شلَ فڪرِفردا نه ڏي،
گلن جهڙي چهرن تي افسردگي

محبت جو پردو ته حائل هجي،
چڱي آهه ڏاڍن کان بيگانگي.

عجب بي نيازيءَ جو آهه جهان!
جتي تا هلن سر تريءَ تي ڪٽي.

جڏهن عزمِ ڪامل ٿيو دستگير،
ته منزل اچي مون کي پيرين پئي.

صنم بي تحاشه ٿيو سجده ريز،
جڏهن وينو آئينو اڳيان رکي.

اي هاتفَ! اُها ڪهڙي شمعِ حيات؟
سرِ شام ئي جا وسامي وئي.

چون ٿا خداءِ سُخن هو انيس،
مگر آهه هاتف ۾ ڪهڙي ڪمي!

١٩٥٩

آسمانِ دل تي چمڪيو تنهنجي يادن جو قمر،
منهنجي شامِ غم کي هاڻي ڇو هجي فڪرِ سحر!

مون کي پنهنجي ويئي جنت جي حقيقت جي خبر،
تنهنجو تيو آهي جڏهن کان واديءِ دل مان گذر.

راهه جي دشوارين کان بي نياز ۽ بي خبر،
تنهنجي ڳولها ۾ اِجهو نڪتا اتئي کي بي ثمر.

شام کان ئي ڪنهنجي لئي نيڻن ۾ پارياسون ڏيا،
شام کان ئي پاڻ سينگاريو شبستانِ نظر.

مون تہ پاتيو ڪنهن اچي مژدو بهارن جو ڏنو،
تنهنجي زلفن کي ڇُمي آئي جڏهن بادِ سحر.

خانهءِ دل تنهنجو آهي، تنهنجو رهندو تنهنجو هو،
پنهنجي گهر تڙ هوندي سهڻا ڇو رهين تو دربدر؟

حسن وارن جي جفائن ۾ بہ آهي دلبري،
حسن بي شڪ آهہ منهنجي عشق وانگر بي ضرر.

١٩٦٠

وري ياد آيو سندئي روءِ روشن،
وري چاڪ آهي شبِ غم جو دامن.

غمن جون بهارون جوانيءَ تي آهن،
اڃي گلبدن ڪو ڏسي دل جو گلشن.

بهارن ۾ بيدادگر! بندشون ڇو،
لبن جي قفس ۾ تبسم تا ڦٿڪن.

متان گلشنِ رخ ۾ آيون بهارون!
اسيرانِ زُلفِ دوتا ڇو تا ڦٿڪن؟

طلوعِ رُخِ يار ۾ دير آهي،
اکين ۾ اِڃا ڪي ستارا تا چمڪن.

الائي شڪايت جو ڪيئن حوصلو ٿيو،
اکين ۾ ندامت جا تا اشڪ ٿهڪن.

زماني جون ڪئين نوڪرون ڪائي ڪائي،
جهليو آهه اشڪن اڃي تنهنجو دامن.

اڙي! هيءَ ته خاڪ آهه هاتف جي دل جي،
ڪو ٻاري ويو طائرِ غم جو خرمن!

(١٩٦٠)

اسان کي ڪچڻ جي تہ ڪا وات ناھ،
اوھان کي مڙئي محب آھي مباھ.

ڪي اشڪن جا موتي ڪي زخمن جا گل،
عروسِ محبت جو سينگار آھ.

اُميدن جي معصوم مڪڙين مٿان،
پري پوئر وانگي تو بختِ سياھ.

شبِ بخت جون تيرگيون الامان!
ھتي تنھنجي زلفن جي ڪا جاءِ ناھ.

اکين جا شبستان روشن ڪريو،
ڪو ماھِ سراپا اچڻ وارو آھ.

پڄائي ڪو ھاتف پرين کي پيام،
پيارا اٿئي پنھنجو پويون پساھ.

تنهنجا چپڙا چمي ڪو ڏسي!
هن صراحيءَ مان پي ڪو ڏسي!

عشق خوددار تيندو وچي،
حسن جي بيڪسي ڪو ڏسي!

عشق چا چا ڪري تو سگهي،
منهنجو محبوب تي ڪو ڏسي!

ڪير چاٽي بَهارن جو پاڳ،
چشمِ گل جي نمي ڪو ڏسي!

چا حقيقت هتي عرشن جي،
پاءِ ساقي چمي ڪو ڏسي!

غيرتِ گل پڪاري پئي،
زخمِ دل جيئن کلي ڪو ڏسي!

جنتن کي پچي ڪير تو،
منهنجي دل ۾ رهي ڪو ڏسي!

چشمِ ساقي جي اعجاز کي،
هوش وارو اچي ڪو ڏسي!

اڄ ته هاتف به هوندو ضرور،
رنگِ محفل هلي ڪو ڏسي!

١٩٦١

ساقي پيو ڏي ويھ جون وٽيون ڀري ڀري،
ڪو آھ جو پيو ٿو پيي ۽ ٺري ٺري.

مستن ڏي چو نھارين ٿو ڪَرڙيون اکيون ڪري؟
الله ڪري تہ تون بہ اچين عشق جي اري.

ويچارڙن جو ھاڻ مڙئي بخت ٿو وري،
پاڙئون پيارا آيا پڪين پيرڙا ڀري.

ساقي! سڀاجھڙن کي سڏائي وڃي سِگھو،
ڪو توکي ساري ساري اِجھو ھاڻ ٿو مري.

ساقي! سندئي شرابي نگاھن کي چا ٿيو؟
ديوانو عقل جون ٿو اچا ڳالھيون ڪري!

سھٽا متان لڳي نہ وڃئي ڏيل جي نظر،
منھنجا صبا خرام خدارا ھري ھري!

اي چنڊ! تنھنجو يار سان ڪھڙو مقابلو؟
اھڙي تہ ڳالھ ڪر جو مڙئي ڪجھ وري سري.

ھو ٿو چوي . وسار ۽ ھي ٿو چوي تہ مار،
ٻن محبتين جو ڪير اچي فيصلو ڪري!

خالي ڪو موٽندو آهي داتا جي دَر مٿان!
نادان! ڪانہ تي ٿهي گُهر گُهر ذري ذري.

هاتف الائي ڪيئن تو گذاري شبِ فراق!
سهڻن سوا اسانکي تہ ساعت نہ ٿي سري.

(١٩٦٠)

هي وفائن تي ناز چا چئجي!
واه بنده نواز! چا چئجي!

ديدهٔ نيم باز چا چئجي!
غيرت، بزم ِ ناز چا چئجي!

اي وفائن جا پاسبان سائين!
ايترو احتراز! چا چئجي؟

ڪو شب و روز مائل ِ غارت،
پر به انداز ِناز چا چئجي!

دوستن جو ڪرم نٿو وسري،
آهه قصو دراز چا چئجي؟

زلف ِپيچان جا سلسلا والله،
شب ِغم ڪان دراز چا چئجي؟

توکي تنهنجي زبانَ ۾ سهڻا،
شوخ، نازڪ، گداز چا چئجي؟

نگهہ ِ ناز جو پرم نہ ڪلي،
ورنہ مان ۽ نياز چا چئجي!

عشق ۽ حُسن لازم و ملزوم،
رشتہ سوز و ساز ڇا چئجي!

بنده پرور جي بندگي تہ ڏسو!
غزنوي تيو ايـاز ڇـا چئجي!

آه هاتف مڙئي نڳيءَ جو ناهہ،
شيخ ۽ پاڪباز ڇا چئجي؟

(١٩٦١)

دل جا دروازا گل جِيان کليل،
ڪاش اڄ ڪو صبا خرام اچي!

تون بہ آئين سکن جي ساعت جئن،
ڪو غمِ عشق جئن دوام اچي.

ڪشورِ دل جا بادشاھ سائين!
حرمِ ناز ۾ غلام اچي؟

دل جا ويرانا ڪي تيا آباد!
موسمِ گل بہ اهتمام اچي.

اڄ وري ڪن جي ياد مارينديِ،
اڄ وري تو مهہ تمام اچي.

ساغرِ دل ۾ ڏي شرابِ نظر،
تنھنجي درَ تي تو تشنہ ڪام اچي.

سايۂ زلف ڪو مليو ڪنهنکي؟
چو نہ تي زندگيءَ جي شام اچي؟

دلِ فطرت شناس ڪي هرهر،
تنھنجي شوخين کان تو پيام اچي.

بس جيئن شال! تنھنجو لطف هجي،
پو يلي گردشِ ايام اچي.

١٩٦١

جتي ناهه جبريل پارن جو وس،
اُتي عشق وارن جو روزانو گس.

نہ قاسو، جي قاسو تہ قتڪڻ چڏيو،
جيئو رشڪ، گلشن بنائي قفس.

وري پاءِ نازڪ ڪسي تڪليف چو!
اوهانجي تہ هئي موئي جئري جي بس!

پيارڻ تي ڪُئين مسئلا تيا ڪڙا،
پيئڻ مهل واعظ نہ ڪئي پيش وپس.

اسين محب! مرندا آهيون مُرڪ سان،
هتي تير تلوار جو ڪهڙو وس؟

يلي ڪا نظر آزمائي جگر،
اسان ڪان نہ تيندي ڪڏهن پيش و پس.

مون کي تنهنجي منڙن چپن جو قسم،
جي هڪ ييرو مُرڪي نهارين تہ بس!

بهارون تہ جن سان هيون سي ويا،
چمن ۾ تہ ويندي تئي تو حبس.

مچائي هزارن غمن بزم دل،
نہ تيو تنهنجي غمر ري رهاڻين ۾ رس.

اي ساقي رڳو مست اکيون ته ڪڻ!
چڏي ڪعبه و دير ايندا اوس.

جي تون وئين ته تنهنجو ستم باقي هو،
اسان کي ته سائين! ڪسر هئي نه ڪس.

سر راهه رهبر لٽيو قافلو،
نه منزل، نه راهي، نه بانگ جرس.

نه شڪوه شڪايت، نه آه و فغان،
رڳو پيا دعائون ڏيون هر نفس.

ڏسان آهه کهڙي نظر تير ڪش!
جو هاتف کي ڦتجڻ جو ايڏو هوس.

(١٧ ڊسمبر ١٩٦١)

اڄي ويا تنهنجي مُرڪڻ جا زمانا،
بهارن جو شباب آيو ڪي آيو!

ڪريو اڄ هر رڳ ۾ خون ۾ چراغان،
اِجهو، هو بي نقاب آيو ڪي آيو!

اِجهو تاريڪين جو بخت بگڙيو،
اِجهو هو بي نقاب آيو ڪي آيو!

ڦري پيو خون جو ساغر چمن ۾،
مڙئي ڪو انقلاب آيو ڪي آيو!

هي هرهر پاڻ ڏي چرڪي نهارڻ،
خدا جو سنهن شباب آيو ڪي آيو!

زماني ڪان آهيون خوش فهمين ۾،
ڪبوتر ڪامياب آيو ڪي آيو!

چگو تيو، موت! آئين، پر گهڙي ترس،
اميد آهي، جواب آيو ڪي آيو!

اوهان ساغر ڦُرڻ لئي هٿ وڌايو،
اسان ڀانيو شراب آيو ڪي آيو.

وري حسرت پريون اکيون کنيوسين،
وري سمجهو عتاب آيو کي آيو.

سفيران، حرم آيا کي آيا،
اتي هاتف! عذاب آيو کي آيو.

(۴ جنوري ۱۹٦۲)

هاءِ اُهي رنگين بهاريون!
تو جي مسرڪي ياد ڏياريون.

جهڙيون ميخاني جون راتيون،
اکڙيون ڪاريون ۽ مڌ واريون.

دل جو سودو ڪرڻ آهي.
ڪنهن دل واري ڪي هوڪاريون.

منهنجي من ۾ تنهنجون ساروڻ،
ٻر ۾ لڳيون چڙ بازاريون.

مون ڪي ساري گل جئن ٻهڪين!
منهنجون يادون شوخ ٻهاريون.

دل ويچاري مس مس ريڌي،
چنڊ! وري تو ٻاهيون پاريون!

تنهنجي آئي من ۾ هوليون،
تنهنجي وئي نيڻن ۾ ڏياريون.

زخمن جي سينن ڪي چيري،
مکڙين ڪي مرڪڻ سيڪاريون.

تـولئي سَوَ سـينگار كـيـائون،
آسون جهڙيون ٻاڙهيون كنواريون.

تنهنجي ڳٽن جون ڳالهايون ٻايو،
مَركيو مُركن كئين موچاريون.

(۴ جنوري ١٩٦٧)

ڪيم چاچا نہ زيبِ داستان ۾!
لقون پئجي ويون منهنجي زبان ۾.

اچا تنهنجي اچڻ جو آسرو آھ،
اچا ڪا جان آهي، خستہ جان ۾.

ثريا ۾ ڪٿي يا ڪهڪشان ۾؟
ملي منزل جا سنگِ آستان ۾.

مون کي ايڏو نہ مجبورِ فغان ڪر،
مون کي ايڏو نہ وجھ تون امتحان ۾.

اسان جي هٿَ ۾ جيسين جام آهي،
اسان جي شهنشاهي دو جهان ۾.

دلين جا شهر لحظي ۾ لڙهي ويا،
عجب طوفان هو اشڪ روان ۾!

وري هو مائلِ لطف و ڪرم آھ،
الاهي! عاشقن کي رک امان ۾.

سنياليو، پنهنجي دامن کي سنياليو!
ٻري پئي باھ هن اشڪِ روان ۾.

رُلو چو پيا، وڃيو ساري جهان ۾،
پيا آهن اسان جهڙا اوهان ۾.

پراوا پنھنجا سي تيا پيالي پائي،
رڳو ھاتف نہ ھو ھڪڙو اسان ۾.

ھئي ڪيڏي نہ رنگين بزمِ عشرت!
ڪٿان ھاتف اچي ويو درميان ۾؟

(١٩٧٤)

رندن هتان ڪڍهن ٻہ نہ مئي وئي نہ جام ويو،
ماهِ صيام آيو ۽ ماهِ صيام ويو.

اڄ واعظان شهر وٽان هي پيام ويو،
ساقي! شراب آڻ جو ماه صيام ويو.

هاڻي چون ٿا جبہ و دستار جا ڏٿي،
بي باده، بي رباب مهينو حرام ويو.

بيشڪ اُهوئي ٿيندو ٻو عالم ۾ سُرخرو
جيڪو ديار يار ۾ بي ننگ و نام ويو.

لحظي ۾ لُڙهہ لهي ويا، پل ۾ لٿام پورَ
هڪ پيرو بس حضور ڪي منهنجو سلام ويو.

هر چوڏهين تہ اوڻتيهين وانگي ٿي لڳي،
مونکان رُسي جڏهن کان هو ماه تمام ويو.

بيشڪ هُتي هو پيار جو دريا روان دوان،
مون جهڙو بدنصيب مگر تشنہ ڪام ويو.

هن ڪاغذي گلن جي زماني ۾ اي نديم!
لالہ بجائي جڳ ڪي وٽي لالہ فام ويو.

پجري ۾ جي ملي تہ ملي ڪنجِ عافيت!
ٻاهر تہ هر قدم تي وڇائي ڪو دام ويو.

بزمِ سُخن الائي ڪڏهن هوش ۾ اچي،
هاتف تہ خير سان پڙهي پنهنجو ڪلام ويو.

(۱۹۸۷)

وڃــي شــهــر ۾ هُــل هُــلايــو وري
ڪــو ســرمــد ســر ِ دار آيــو وري.

گهـڻـو دوســتــن آزمــايــو وري،
اســان پــنــهــنــجــو وارو وڃــايــو وري.

اڪــيــن ســاڻ اڪــيــون مــلايــو وري،
نــئين ســر نــئون نــيــنــهــن لايــو وري.

مــتــان آســرن ۾ رهــايــو وري!
اســان تــان نہ مــاڻــهــو ڪِــلايــو وري!

پــريــن ڪــي اســان پنهنجو پانيو وري،
اڪــيــن جــي اشــارن پــلايــو وري.

اُهو، جنهن سان ڪي روح رچنديون هيون،
اُهــو رات خــوابــن ۾ آيــو وري.

اســين پرت پيالن جا پيــاســا آهــيون،
صــبح ســاڻ تئي ڪــو ســوايو وري!

ٻرڻ جــا تہ ويــســاهَ ڏاڍا ڏنــئيــن،
وڃــڻ وارو مــوتــي نـــہ آيــو وري.

اســان عــادتاً بــس اوهــان جا آهيون،
اوهــان عادتاً مــنــهــن مــتــايو وري.

(١٩٨٧)

هيءَ حقيقت تہ آشڪار آهي،
تو اڳيان چنڊ شرمسار آهي.

هو خيالن ۾ همڪنار آهي،
بيقراريءَ کي ڪجھ قرار آهي.

روح مجروح، دل فگار آهي،
پوءِ بہ وعدن تي اعتبار آهي!

تون ڏسين پيو تندون ڳريبان جون،
دامن دل بہ تار تار آهي.

آشيانن ۾ خوف برق و شرار،
تحفهءِ موسم بهار آهي.

ورهہ تيا خواب ۾ ڪو آيو هو،
ذهن اڄ تائين مشڪبار آهي.

غم جانان جو مون کي غم ناهي،
غم ڏيڻ وارو غمگسار آهي.

زندگي، زندگي ڪري ماٺيو،
زندگي ورنہ مستعار آهي.

حافظ[1]، بيخود[2] ۽ گرامي[3]، لئي
اک اڃان تائين اشڪبار آهي.

شاعري شاعرن کان وسري وئي،
ياد بس پيٽ جي پڪار آهي.

تون جي چاهين تہ منهنجي پل پل تي،
توکي ساڳيو ئي اختيار آهي.

آب ۽ جو، مئي، چمن، بهار ۽ شباب،
موسم ۽ عشق سازگار آهي.

حيف هاتف کي عشق بازيءَ تي
چو اڃن ۾ تيو خوار آهي؟

(۱۱ فيبروري ۱۹۸۸)

---

۱ حافظ شاهہ ناطق حسيني
۲ ڊاڪٽر اسدالله شاهہ بيخود حسيني
۳ مولانا غلام محمد گرامي

تنهنجي ايڏي جي بي رخي هوندي،
زندگي ڪهڙي زندگي هوندي!

جيسين اکڙين ۾ روشني هوندي،
مون کي لوري سندئي لڳي هوندي.

آرزو منهنجي ايتري هوندي،
جيڪا تنهنجي سڄڻ خوشي هوندي.

تنهنجي چپڙن مان جنهن چکي هوندي،
زندگي تنهن جي زندگي هوندي.

مه جبينن جو تولو ساڻ هجي،
شاعري پوءِ شاعري هوندي.

هت ڏئي هت ۾ جا گهڙي گذري،
حاصلِ زندگي رهي هوندي.

نرم آغوش، آتشين جذبا،
هاءِ اهڙي به ڪا گهڙي هوندي!

آهه هاتف انهيءَ زماني جو،
دوستي جنهن ۾ دوستي هوندي.

مـون کـي ملندو مژده، صُبحِ بهاران عنقريب،
بامَ تي ايندو سـڄڻ سـائين خرامان عنقريب.

ايـنـدو ايـنـدو غيرت، چشمِ غزالان عنقريب،
رشڪ، صحرا آهه دل، ٿيندي گلستان عنقريب.

چيلهه تي چوڙي ڇڏيندو زلف، پيچان عنقريب،
منهنجي بربادي، جو پيدا ٿيندو سامان عنقريب.

خار وخَس کي جن ڪيو ريحان وسوسن جو بدل،
سـي سـڏائيندا هـتـي جانِ بهـاران عنقريب.

هو بہ ضد آهي تہ گهر باري ڪبي ڏياري ضرور،
روشنيون ٿينديون سيہ بختن لاءِ ارزان عنقريب.

جي نگاهِ ناز جون هي فتنہ سامانيون رهيون،
پاڻ کان ويندا ڇڏائي دين و ايمان عنقريب.

منهنجا سانگيئڙا وري پيا سانگَ جو سانباهو ڪن،
آگـمين اڪـين ۾ اُتندا ڪـيئي طوفان عنقريب.

جن جي جلون ساڻ ٻهڪي تو جهانِ رنگ و نور،
دل جي خس خاني ۾ شايد ٿيندا مهمان عنقريب.

حُسن وارن ۾ اسانجي حوصلن جي هاڪَ آهي،
قتل گاهہ عشق ۾ ٿينداسون قربان عنقريب.

عشقَ جا بيمارَ آهن اهڙي منزل تي رسيا،
دردِ دل ئي دردِ دل جو ٿيندو درمان عنقريب.

هاتفِ خستہ تو چورائي حسينن جون دليون،
شاعريءَ ۾ هي بہ هڪڙو ٿيندو عنوان عنقريب.

تنهنجي حُسنَ جو ذڪر جي آيو،
ڪنوارين ڪلين تي شرمايو.

سهسين تنهنجا روپَ سجاڳان،
سونهن ۾ هرڪو روپ سوايو.

مکڙين کي تو مُرڪون بخشيون،
چانڊوڪين کي تو جهرڪايو.

جئن جئن نيڻ نشيلا کولئي،
تئن تِئن رُت تي جوين آيو.

ڇاجي مصري ڇاجي ماکي،
تو جو منڙو ٻول ٻڌايو.

تنهنجي روپَ جي قوس قزح مان،
ڪالهه گُلن پئي رنگ چورايو.

پيشانيءَ جي جوت جي جڳمڳ،
ڪئن تي تارن کي تڙپايو!

تنهنجي نورَ جي تڙڪي سائين!
روح اسان جو آ گرمايو.

تنهنجو جوڙ نہ جوڙيو صاحبَ،
توکي. تنهنجو جوڙ بنايو.

تـاهـڻ واري تـوکـي ٺـاهـي،
پـاڻ کـي کـيـڏو ويهي پڏايو.

اوچـا تـن جـا ڳـاٽ ڏٺـاسـون،
هـن در تـي جـن کـنڌ نـمـايو.

تـن جـا پـيـئي جـهـان مـوچـارا،
جـن تـي تـنهنجي سـر جـو سـايو.

آءُ تہ پـيـارا جـهـوليءَ پـائـيـن،
مـون وٽ جـو مـحـبـت جـو مـايو.

هـاتـف هـيـڏو کـوجـهو کـارو،
تو کـئن پـنهـنجي سـاهہ سـمـايو.

مصحف رُخ جون آيتون ساڳيون،
عاشقن جون تلاوتون ساڳيون.

دشمنن تي عنايتون ساڳيون،
دوستن جون شڪايتون ساڳيون.

آهَ ساڳي، فصاحتون ساڳيون،
پر ڪتي تنهنجون شفقتون ساڳيون

نازڪن جون نزاڪتون ساڳيون،
۽ اسان جون ٻہ نيتون ساڳيون.

هُت بدستور مشق جور و ستم،
هِت بدستور فرحتون ساڳيون.

رند ساڳيا ازل کان ساڳي اُج،
دست ساقي ۾ برڪتون ساڳيون.

اڄ بہ مُرڪي نهاري هليو وئين،
مون تان گذريون قيامتون ساڳيون.

منهنجا چَپَ برفَ کان ٿڌا ساڳيا،
تنهنجي ڳَلَ جون تمازتون ساڳيون.

هيل نيڻن ٻه ڪيا واھه جا آڳمَ آهن،
مِينهن جي مُندَ مٿا مون سان ملهائين ته چڱو.

تنهنجي جوڀن جي اُٿلَ ساوڻي دريا جهڙي،
دل کي پائي ڪنهن گردابَ ۾ پائين ته چڱو.

هِن زماني ۾ سچا ٻولَ وڄهيو چرڪَ ڇڏين،
مات ئي مات ۾ ماڻهن کي مچائين ته چڱو.

تيغ ابرو سان ڪُسڻ وارو زمانو گذريو،
هاڻ سوريءَ تي چڙهي ڪنڌ ڪپائين ته چڱو.

گلشن زيست کي ڏئي خون جگر خون دل،
لب و رخسار سندا رنگ رچائين ته چڱو.

رُخِ يار تان زلف هٽندا رهيا،
جهانن جا اسرارَ کُلندا رهيا.

وڇوڙي جا طوفانَ ايندا رهيا،
ڏيا تنهنجي يادن جا ٻرندا رهيا.

اسان جي نظر ۾ سي مُردا رهيا،
جي ماضيءَ جي يادن ۾ زندا رهيا.

کُليا در قفس جا بہ صد اهتمام،
دلين تي بدستور پهرا رهيا.

سرِ دار جيڪي ٿيا سُرخرو،
اُهي لالہ و گُل ۾ زندا رهيا.

قبائن ۾ هي اهلِ ڪذب و مريا،
اُگهاڙا هئا ۽ اُگهاڙا رهيا.

زمانو اُنهن کي لتاڙي ويو،
سندئي آسري ۾ جي ويٺا رهيا.

ڪئي حُڪمراني تي موجن تي جن،
سي ٻيڙا ڪنارن تي ٻُڏندا رهيا.

چون ٿا ساقيءَ جو فيض عام هو،
اسان جهڙا پياسا تہ پياسا رهيا.

هيون جن سان ميخاني جون رونقون،
اُهي سُرڪَ جي لاءِ سڪندا رهيا.

جواني حسينن جي پويان ڪٽي،
اڃــن ۾ بہ افــعال ســاڳيا رهــيا.

(١٩٩٠)

تعلقات جا ميعار بدليا آهن،
تڏهن ته وارَ ڪان ويجها به پريرا آهن.

جي سونَ ڪان به سچا قول فعل جا آهن،
اڄوڪي دورَ ۾ تامي جا ليکبا آهن.

اجا ته عشق جي منزل پري پري آهي،
اجا ته ڪنڊ ۽ ڪاتيءَ ۾ فاصلا آهن.

پيئن ٿا جيڪي پيري جام خونِ ناحق جا،
فقيهہِ شهرَ جي فتويٰ ته پارسا آهن!

هٿن ۾ جن جي هو قرآن ۽ بغل ۾ ڇُري،
انهن سان يار ڪيا ڪي معاهدا آهن.

رقيب هاڻي ته ٻولي پيارَ جي ٻولي،
الائي ڪهڙا نوان ناٽ هن رٿيا آهن!

انهن سان آهہ نہ گوڙو گڏي وهڻ واجب،
اسان جي لاءِ جي ڏُريان ئي ڏاريا آهن.

هٽن سان جن پٺي ڪنارن تي ٻيڙيون ٻوڙيون،
اُهي به ضد ته اجا تائين ناخدا آهن.

پرائي مار ڪا ماري سگهي تي مردن کي!
هي بدنصيبَ ته پنهنجن ئي ماريا آهن.

قدم سنڀالي ڪٽو اي سهي جي ڪل وارا!
ردن جي روپَ ۾ هت ڪُئين بگهڙ پيا آهن.

خدا جو نالو فرشتن ۾ ڪو وٺي تہ وٺي،
خدا جي خلق گهڙيا پنهنجا ڪُئين خدا آهن.

الائي ڪنهن جي نظر ڪائي وئي هاتف ڪي،
سندس ڪلامَ ڪتابن ۾ ڳولبا آهن.

(اپريل ١٩٩١)

مونکي ڪا اهڙي رمزِ محبت اچي وڃي،
غم ۾ سُرور، درد ۾ لذت اچي وڃي.

الله ڪري ته تون به اچين عشق جي اَري،
الله ڪري ته توکي اها مت اچي وڃي.

اهڙو وريو ڪو واءُ جو لُوساٽيون دليون،
اهڙو وري ڪو واءُ جو فرحت اچي وڃي.

هُن بي اراده مون ڏي نهاريو ته ائين لڳو،
ڪنگال وٽ ڪا اوچتي دولت اچي وڃي.

اهڙو به شال حال نه ميخاني جو ٿئي،
پيرِ مغان تي پياس جي نوبت اچي وڃي.

ان آسري ۾ روز نوان ويس پيو متيان،
شايد ڪا بزمِ يار جي دعوت اچي وڃي.

چوڏهين صدي ته خير سان گذري وئي، مگر،
تون جي اچي وڃين ته قيامت اچي وڃي.

روزِ حساب پنهنجي ملاقات ٿئي نه ٿئي،
هڪ ڀيرو تون ته اڄ پوءِ قيامت اچي وڃي.

شهپرَ وڌيو ڪُهاڙي ڪلهي تي ڪنيو وتي،
باقي جي هن کي تورڙي غيرت اچي وڃي.

مون کي پيار جي تہ ڪڙي شئي پيار جي،
هاتف جي لاءِ ڪنڊ جو شربت اچي وڃي.

(مئي ١٩٩١)

پـڪـو ڪيوسين وفائـن جـو نصاب آهستہ آهستہ،
جـفـائن جـو سهي ويـنداسـون تاب آهستہ آهستہ.

رُخِ انـور جـڏهـن تـيـو بـي حجاب آهستہ آهستہ،
اسـان پـانـيـو تہ اُپـريـو آفـتـاب آهستہ آهستہ.

پـلـي هـو ڪـن اسـانـجو احتساب آهستہ آهستہ،
جـي وقـت آيـو تہ ڏينداسون جـواب آهستہ آهستہ.

بچيا اڄ جن اسان جي پويان ڪئين منڪر نڪير آهن،
اُنهن ڪـان پـاڻ وٺنداسـون حساب آهستہ آهستہ.

ڏٺيون جن ويھ جون وٺيون پري زم زم جي نالي ۾،
اُنهن چـهـرن تـان لاٿوسين نقاب آهستہ آهستہ.

ڪڏهوڪا پيلجي ويا گلشنِ انسانيت جا گُلَ،
ٿيا مـقبول ڪـاغذ جا گـلاب آهـسـتہ آهـسـتہ.

اسان هڪ پيرو جنهن کي دل جي دنيا جو ڏٺي مجيو،
اهـو عـالم جـو ٿي ويو انتخاب آهـستہ آهـستہ.

پـڏون تا يـار وٽ اڄ دعـوتِ نظّاره عـام آهـي،
مـڙيا آهن اچي سـب شيخ و شاب آهستہ آهستہ.

اسان جي عشق جو قائل تہ ٿي ويو هو بُت ِڪافر،
پڏي خاموش جذبن جـو خطـاب آهـستہ آهـستہ.

ھہ تي پيرا ڪِرياسون بام تي پھچي تہ چاتي پيو،
هميشہ تيبو آهي ڪامياب آهستہ آهستہ.

جتي چيھن چتن جا چھچھا، بلبل جي ٻولي هئي،
اڏي گھر وينا اُت ڪارا ڪلاب آهستہ آهستہ.

"امين منزل" جون راتيون ساز جو نءِ سوز جون راتيون،
اُهي راتيون تہ بس تي ويون خواب آهستہ آهستہ.

اگر هن قوم جي مرده دلي قائم رهي هاتف!
اسان تاريخ جو تينداسون باب آهستہ آهستہ.

ويندي ويندي پـياريـو وڄ!
هـيراڪـن جـي هـير نہ ڀڄ!

ڳل ڳراهتي پائين نہ پائين،
پوريءَ تان پـيـرو تہ نہ ڀڄ!

آسـونديـن اکـڙين ۾ ويـهہ،
مُحبَ! مُنيءَ جون منٿون مڃ.

نيث انهن مـاڳن تي موٽس،
جيجل جـت ڏنـي هئي تڄ.

رهزن کي ڪيئون سات جو سرواڻ پيلا چو؟
منزل جون تمنائون تا ڪن هاڻ پيلا چو؟

تقرير ۽ تحرير جا غازي ته گھٽائي،
سوريءَ جو تيو سڏ ته رڳو پاڻ پيلا چو؟

هر دور ۾ "سُقراط" کي چو زهر ملي تو،
هر دور ۾ ڏاهن کي پوي ڏاڻ پيلا چو؟

اهڙي ته صفائيءَ سان هو ڪاتي تو وهائي،
دامن تي هجي خون جي آلاڻ پيلا چو؟

جي خون جي لا لائي هجي هُن کي ميسر،
هٿ پنهنجا رڱي هاڻ حنا ساڻ پيلا چو؟

منبر تي ويهي ڪفر جي فتويٰ ته ڏنائون،
ساقي جي بغل ۾ تا وهن پاڻ پيلا چو.

دل ۾ جو پيو مير سو ميٽي نه سگھياسون،
دامن تي لڳل ڏوئجي ڪاراڻ پيلا چو.

باغن ۾ بهاريون ته به دستور اچن تيون،
گل ۾ نه اُها سونهن نه سرهاڻ پيلا چو؟

الله جا ماڻهون ته بُکيا پينگيا آهن،
الله جي ماڻهن جي ڪدون ڪاڻ پيلا چو؟

صاحب سان سنگت ۾ تہ سلامي بہ ڏبي آهہ،
پوڪـــي جي اتئون پوءِ نہ ڏيون ياڻ يلا چـو؟

هاتف ڪي سجاڻون تا، هو ماڻهو تہ منو آهہ،
ٻـولي ۾ ســنـدس ايتري ٻـاڙاڻ يلا چـو؟

(جولاءِ ١٩٩١)

”تدبير ڪاتہ اھڙي سندم غمگسارا ڪر“،
دردن جي لذتن کي بنھ پائدار ڪر.

ھُن سنگِ در تي سر رکي سڀ ڪجھ نثار ڪر،
ھي جي گناھ آھي تہ پوءِ بار بار ڪر.

دل مان گذر صبا جيئن اي يادِ يارا ڪر،
زخمن جي لالہ زار کي رشڪِ بھار ڪر.

بيشڪ رقيب ساڻ وفا ڪر، پيار ڪر،
منھنجي مري وڃڻ جو مگر انتظار ڪر.

انگور جي شراب سان پنھنجي پوي ئي ڪانہ،
نيڻن جي ميڪدي جو مونکي ميگسار ڪر.

ھڪڙي جھلڪ جي آس ۾ دم آھ اٽڪيل،
پردو مونکان نہ ايترو اي پرده دارا ڪر.

ھڪ پل جي لاءِ مصحفِ رُخ تان غلاف لاھ،
اسرارِ دو جھان کي متم آشڪار ڪر.

ھر لڙڪ تو ٻڌائي نئون داستانِ غم،
رودادِ زندگاني جو ڪجھ اختصار ڪر.

ايفاءِ عهد حسن جي عادت ڪڏهن نہ هئي،
شرطِ وفا هــي آهہ تہ تــون اعــتبــار ڪــر.

صــحــرا نوردي ساڻ ڪڏهن منزلون مليون؟
جوشِ جنون کي ايڏو نہ سر تي سوار ڪر.

تنهنجو قتيل هجي ۽ اجا ساهہ پيو کٽي!
هاتف تي ڪو يري يري ابروُ جو وار ڪر.

(آگسٽ ١٩٩١)

هاتف کي نيڪ نام يا رسوا تيڻ کپي؟
تنهنجو تيڻ جي واسطي چا چا تيڻ کپي؟

ساغر، شراب، چنڊ، چمن، آب جُو، بهار،
باقي ڪو دلنواز مهيا تيڻ کپي.

پيراندي تنهنجي ويهي ڪيم جي گذارشون،
تن کي قبول هاڻ ته آقا! تيڻ کپي.

دل ۾ هزار آسون اميدون ڪنيون وتان،
پوري اُنهن مان ڪاته خدايا! تيڻ کپي.

تنهنجي نظر سان ساري زماني چا ڦت چُٽا،
منهنجو بہ اُن نظر کي مسيحا تيڻ کپي.

پيريءَ جو بس اهوئي طبيبن ڏَسيو علاج،
”ڪنهن جي نگاهہ ناز جو شيدا تيڻ کپي“.

ڪيڏيون نہ تنهنجي پيار جون خوش فهميون اتم،
سيڪا سچي ڪٽي نہ تئي، ڪا تيڻ کپي.

بدنامين جو پاڻ کي اُلڪو ڪڏهن نہ هو،
مون ساڻ تنهنجو نالو نہ رسوا تيڻ کپي.

جي عادلن جا هٿ هجن خون سان رگيل،
ڪهڙين عدالتن ۾ پوءِ دعويٰ تيڻ کپي؟

مون جهڙي تُڪ بندي ته سيئي تا ڪري سگهن،
شاعر تجي، ته طالبِ مولا تيڻ ڪپي.

تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڳجهيون ڳالهڙيون هيون،
هي راز حاسدن تي نه افشا تيڻ ڪپي.

يڪتاءِ روزگار جي آهين تون حسن ۾،
مون کي به عشق بازي ۾ يڪتا تيڻ ڪپي.

هاتف وجي هي راهه رُلين کي پيام ڏي،
هر قافلي جو رخ سوءِ بطحا تيڻ ڪپي.

٧ نومبر ١٩٩١

جنهن جي وجود سان آهي ساري چمن جي بُو،
هاتف جي هر غزل ۾ انهيءَ گلبدن جي بُو.

تنهنجي بدن جو رنگ ۽ تنهنجي بدن جي بُو.
منهنجي سخن جو رنگ ۽ منهنجي سخن جي بُو.

چاجو گلن جو رنگ ۽ چاجي گلن جي بُو!
تنهنجي چپن جو رنگ ۽ تنهنجي چپن جي بُو

هوڏانهن گلاب، موتئي، سوسن، سمن جي بُو،
هيڏانهن حواس منجهه رڳو پيرهن جي بُو.

صبحِ چمن جي ٻهڪَ يا تنهنجي جبين جي جوت!
شامِ چمن جي مَهڪَ يا هن ڪاڪلن جي بُو!

رنگِ بهار ۾ لب و رخسار جا ئي رنگ،
بُوءِ بهار تنهنجي لعابِ دهن جي بُو.

ڏندن ۾ ڪارساز جي ڪاريگري ته ڏس،
موتِين منجهان جُڙيا ۽ منجهن موتِيَن جي بو.

ڪيڏو نه زندگي کي معطر ڪري ڇڏيو،
مينديءَ رتن هٿن جي گلن ۽ ڇِٽن جي بُو.

هن مند ۾ الائي گهٽا گل ٽيا شهيد،
بادِ صبا کڻي آئي خونِ چمن جي بُو.

باغات ديسَ ديسَ جا آيس گهمي مگر،
مونکي وڻي تہ ڳوٺ جي ساون سُکن جي بُو.

بيشڪ انهيءَ زمين تي کونڌر کَئين ڪنا،
”ليڪن وڻي تہ وئي خاڪ۔ وطن جي بُو“

نيڻن جا جي پياڪ انهن کي پري پيار،
باقي ٻين جي لائي شراب۔ ڪُهن جي بُو.

تن کي ڪڏهن نہ ياڻ پيو سيم و زر جو تاب،
سر ۾ سمائي ويئا جي دارو رسن جي بُو.

تنهنجو اچڻ تہ اِئين لڳو، تازي جي لاءِ جيئن،
ساوڻ جي ڀرين مينهن جي ڀرين ڦڙن جي بُو.

هاتف جي خوش مزاجي نسورو فريب آهہ،
تهڪن مان صاف صاف اچي پئي غمن جي بُو.

نومبر ١٩٩١

تنهنجي ڇَپَرَ تي ڪٽي چڙيان توکي،
تنهنجو نعم البدل هجي ته ٻڌائي.

توسان ڪرٽيون اتم ڳپل ڳالهيون،
توکي فرصت جو پل هجي ته ٻڌائي.

مون ڪڇيو ڪونه، ڇو چڙئي خنجر؟
ٻانهن تي ويئي شل هجي ته ٻڌائي.

نہ دنيا جي، نہ دولت جي، نہ ننگ و نام جي پروا،
مونکي بس آھہ پنھنجي خير سان اِتمام جي پروا.

ڪٿي جن زندگي ھُن شوخ جي گھر جي طوافن ۾،
پچاڙيءَ ۾ ڪندا ڇا حج ۽ احرام جي پروا!

الائي ڪِيئن نشي ۾ توکي مون پنھنجو ڪري سمجھيو،
متان سھٽا ڪرين اھڙي خيالِ خام جي پروا.

جڏھن سيڪو گھري پيو خير پنھنجي پنھنجي خرمن جو،
مون کي ڇا لئي چمن جي ھر شجر، ھر لام جي پروا!

جتي ھر آشياني کي ڏئون زندان جو درجو،
اتي ڪھڙي ڪبي صياد جي يا دام جي پروا.

جنابِ شيخ جي جھاتي وجھي پنھنجي گريبان ۾،
تہ سمجھي ويندو ڇو ناھي سندس احڪام جي پروا.

اسان کي عشق ڪرڻو ھو سو بسم الله ڪري ڪيوسين،
اِھو ڪم ھاڻ ڪوڙن جو تہ ڪن انجام جي پروا.

تصور ۾ جڏھن ھُن ساڻ ھردم ھڪنار آھيون،
ڪڏون ڇو ڪاڻ دربان جي، ڇو در ۽ بام جي پروا!

انهيءَ منزل تي پهتي بي نيازي تنهنجي مستن جي،
نه خوشين جي ضرورت تي، نه ڪا آلام جي پروا.

نه عارض جي ڪپي گرمي، نه زلفن جو ڪپي سايو،
نه روشن صبح جي حاجت، نه رنگين شام جي پروا.

ازل کان جيڪي آهن مست ڪِن مخمور نيڻن جا،
انهن کي ناهه مئي جي، ميڪدي جي، جام جي پروا.

اسين پيا سينَ هٽنداسين، ڪتا پونڪن ته پيا پونڪن،
فقيرن کي به هوندي آهه ڪا دشنام جي پروا!

ڪيم شڪراني جو سجدو ته هاتف جي ندا آئي،
”نه ڪر مردِ قلندر گردشِ ايام جي پروا“.

تعلق جيڪو پنهنجي درميان آهي،
پنل نيڻن منجهان بلڪل عيان آهي.

اٿائو واءِ، قاتل بادبان آهي،
"اسان جي عشق جو اڄ امتحان آهي."

بهار آئي عجب انداز سان آهي!
نہ گل خندان، نہ بلبل نغمہ‌خوان آهي.

اجان مس جوڙيو مون آشيان آهي،
متان ڪڙڪي اچي برقِ رتپان آهي.

گلن وانگي ٽِڙي مرجهائجي وياسين،
اسان جو ايترو ئي داستان آهي.

محبت جي چمن جي آبياري ٿئي،
اکين مان اِن ڪري دريا روان آهي.

اسان کي حڪم تيو جشنِ بهاران جو،
اگرچہ دل جي گلشن ۾ خزان آهي.

چمن ۾ چوطرف چوپول هو جن جو،
ڪکن ڪانن ۾ تن جو ڪو نشان آهي؟

حياتيءَ جون ڏيون ڪوسيون سهي وڃبيون،
اگــر زلفن جو مون تي سائبان آهي.

اڪين انڌو ڪَنين ٻوڙو ڪري مون کي،
چون ٿا ڪجهه نہ چئو، تو وٽ زبان آهي

رکو منهنجو نہ ڪوهي جو ڪريان شڪوا،
هو محبوبِ زمان، جانِ جهان آهي.

وري ڪنهن آزمائش ۾ وڃهي ويندو،
الاهي خيرا هُــو تيو مهــربان آهــي.

نہ ٻيٺي ٽئي، نہ ٽوڙڻ سان ٽٽي هرگز،
ٿهيو هاتف انهيءَ ڪاٽيءَ منجهان آهي.

٢١ ڊسمبر ١٩٩١

اگرچہ ميڪدي ۾ ڪلھ شراب عام جام ھو،
مگر اھي ڪي ٻيا ھئا ھٿن ۾ جن جي جام ھو.

انھن کي باغبان ڪَيئون جو گل چني ھو وڪڻندو،
مون جھڙو گل پرست پر ھميشه زيردام ھو.

ھٿن سان باھ ۾ وڌم، جي شعر خون سان لکيم،
جھانءِ قدر ناشناس کان ھي انتقام ھو.

فقيھہ شعر فيصلا ڏنا تي حيثيت ڏسي،
جو ھِن جي لئي حلال ھو سو ھُن جي لئي حرام ھو.

٢٩ ڊسمبر ١٩٩١

خلوصِ دل هجي، الفت هجي، پيار هجي،
پرين جا پار گهٽا، پر ڪو اهڙو پار هجي!

ڪو حال پائي هجي، يا ڪو غمگسار هجي،
پلي پوءِ دل ڪٿي ڪيڏي به داغدار هجي.

پلا رقيب ڪان ڇا لاءِ مون کي عار هجي؟
جو هن يار جو يار هجي ڇو نه منهنجو يار هجي!

مونکي ته هُن جي محبت تي اعتبار آهي،
جي هُن کي منهنجي محبت تي اعتبار هجي!

مون وقتِ نزع به هُن جو ئي خير پئي گهريو،
مان ڪيئن چوان ته قبر ۾ به همڪنار هجي!

اسين زماني جا ونهوار ڪيئن ادا ڪريون؟
ٻڌل جي قرضِ محبت ۾ وار وار هجي!

اڳوڻي سال جيان هي به انتظار ۾ ويو،
”خدا ڪري ته نئون سال خوشگوار هجي“.

نگاهِ ناز ڪٿي مُرڪَئين ته مون پانيو،
ازل ڪان جهڙو انهيءَ پل جو انتظار هجي.

صلاحون دوستَ نَئين نينهن جون ڏين ٿا مگر،
مون کي جي پنهنجي ارداتن تي اختيار هجي!

چون تا اُن کي ڪريو پنهنجي فڪر جو رهبر،
وڏي جو چيچ شهيدن ۾ تيو شمار هجي.

جو پنهنجي روح جي بدصورتي لڪائي سگهي،
سو آرسيءَ جي اڳيان ڇو نہ شرمسار هجي!

خزان ۾ گيت گلن جا نتا سُنهن يارو
بهار ڪي پلي ڳايو اگر بهار هجي!

هواءِ وقت ۾ ڪَئين گلعذار ڪوماڻا،
پوءِ منهنجي بلبلِ دل ڪيئن نہ نغمہ بار هجي!

حضورصريءَ ڪو اُڪاري سگهي تو هاتف ڪي؟
جي زندگيءَ جي سفيني ۾ هيڏو ڏار هجي!

۳۰ ڊسمبر ۱۹۹۱

هن جي پيار مون کي ڪيو اِئين نيازمند،
شاخن کي جئن جهڪائي ڇڏي تو گلن جو بار.

روئي هِيئين کي هلڪو اڪيلائيءَ ۾ ڪريون،
ڪنهن دل گُهرئي تي ڇو وجهون پنهنجي غمن جو بار.

ڪي بلبلون قفس ۾ ته ڪي زيرِ دام تيون،
مون بي نوا تي پيو اچي بزمِ چمن جو بار.

هٿ هٿ ڪرڻ سان ڪوهِ همالہ ڪجي پوي،
اي دوستو اُتو ته ڪٿون دوستن جو بار.

٣١ ڊسمبر ١٩٩١

# نظم

# غمِ حسين

ظالم! جفا شعار! ستم گار! فتنہ باز!
ٻڌاءِ سراپا گوش تي گردونِ دون نواز!

اڄ آئي آهي يادِ شهيدان ڪربلا،
ڪريان ٿو ذڪرِ دشت و بيابانِ ڪربلا.

اڄ داستانِ ڪرب وبلا ڇيڙڻو اٿم،
اڄ داستانِ جور و جفا ڇيڙڻو اٿم.

اڄ داستانِ ظلم و وستم ڇيڙڻو اٿم،
اڄ داستانِ درد و الم ڇيڙڻو اٿم.

اڄ داستانِ تيغ و سنان ڇيڙڻو اٿم،
اڄ داستان آه و فغان ڇيڙڻو اٿم.

اڄ داستان ديدهٔ تر ڇيڙڻو اٿم،
اڄ داستانِ سورِ جگر ڇيڙڻو اٿم.

اڄ داستانِ جانِ علي ڇيڙڻو اٿم،
اڄ داستانِ سبطِ نبي ﷺ ڇيڙڻو اٿم.

المختصر بيانِ امامِ حسين آهہ،
هردم سندم زبان تي نامِ حسين آهہ.

جانِ رسول صہ، جانِ علي ، جانِ فاطمہ،
عالي جناب، عالي مقام، عالي مرتبہ.

زهره نگاه، ماه جبين، مشتري بدن،
شعلہ نوا، و برق وش و آتشين دهن.

تصويرِ عشق و حسن مکمل حسين هو،
هر ذي شعور جو جگر و دل حسين هو.

ساري جهان جي شمعِ ولايت حسين هو،
يعني ظهورِ نورِ هدايت حسين هو.

بي آسرن اڙين جو سهارو حسين هو،
هرهڪ بني بشر کي پيارو حسين هو.

خوش خلق، خوش ڪلامءِ خوشخو حسين هو،
انسانيت جو پورو نمونو حسين هو.

راهِ خدا جي اولين منزل حسين هو،
جو مومنن جو مُرشدِ ڪامل حسين هو.

تاريڪيِ الم ۾ سراجِ منير هو،
مسڪين، مفلسن جو وڏو دستگير هو.

باغِ خزان رسيده جي حضرت بهار هو،
غمخوار و غمگسارِ دلِ بيقرار هو.

هئي بي مثال عظمت و شوڪت حسين جي،
بيچون و بي نظير شجاعت حسين جي

اُتيو تہ دشمنن لئي شمشير تي اُتيو،
ڪفار لئي سنان، تبر و تير تي اُتيو.

هليو تہ برو دشت و بيابان ڏڪي ويا،
دريا و موج و ساحل و طوفان ڏڪي ويا.

اهڙو بشر ڏنو تو اي چرخِ ڪهن ڪٿي؟
اهڙا وري فرشتہ صفت تا ملن ڪٿي!

پر تون ئي چو تہ ڪيڏا مصائب سٺا حسين،
گهر ٻار، جان مال بہ قربان ڪيا حسين.

توکي تہ ياد هوندو تہ ڇا ڇا ڪيو يزيدَ،
ڪهڙيون نہ شخصيات ڪهائي ڇڏيون پليدَ.

تنهنجي اڳيان امام ڪُٺا تو تہ ڪجهہ نہ ڪيو!
جان وطن شهيد ٿيا تو تہ ڪجهہ نہ ڪيو!

شبير کي ڪُٺائون تہ انسانيئت ڪُٺي،
هڪ حُرِّ سرفروش ڪٺو حُريت ڪُٺي.

عباس ويو تہ دين مان سا زندگي وئي،
قاسم ويو، جهان مان نشاط و خوشي وئي.

يعني اسانجا مذهب و ملت تباهہ ٿيا،
مرسلؐ جا اهلِ بيت ۽ اُمت تباهہ ٿيا.

يادِ حسينؑ ۾ ٿي رهي قوم نوح خوان،
هر وقت آهي ديدهٔ انسان خون چڪان.

مُرغان، گلستان و گل و لالہ و بهار،
آهن فراقِ سيدِ شهدا ۾ بيقرار.

سيّارا، تارا، شمس، قمر، قطب، ڪهڪشان،
ڪن ماتمِ حسينؑ زبانِ خموش سان.

اي شرپسند! تنهنجي ادا ڪي ڏسي چڏيم،
اي چرخ! تنهنجي حُسنِ وفا ڪي ڏسي چڏيم.

هاڻي ڪريان ٿو آئون وري قوم کي خطاب،
اي منان دين و غلامانِ بو تراب!

هاڻي اسان نِي آهي مصيبت وڏي وئي،
هرهنڌ ڪسمپرسي و افلاس وبي ڪسي.

هر شخص حالِ زار و دل بيقرار آهہ،
هر شخص ڪشتہِ ستمِ روزگار آهہ.

اي مومنو! اچو تہ ڪريون ڪربلا کي ياد،
پيدا ڪريون کو پاڻ ۾ اڄ جذبہ جهاد.

هاڻي اسانکي آه ضرورت حسين جي،
گهرجي اسانکي همت و طاقت حسين جي.

هاتف خدا کان گهر سحر وشام هي دعا،
روحِ حسينيت دلِ مُرده کي کر عطا.

(١٩٥٨)

# پنائيءَ جي حضور

اسلام اي مشعلِ راهِ خدا!
اسلام اي عاملِ قرآن لطيف!
اسلام اي ماهتابِ معرفت!
اسلام اي پيڪرِ ايمان لطيف!

اسلام اي محرمِ اسرارِ حق!
اسلام اي ناسخِ باطل لطيف!
اسلام اي دستگيرِ عاجزان!
اسلام اي مرشدِ ڪامل لطيف!

اسلام اي آشناءِ رازِ حق!
اسلام اي وارثِ حيدر لطيف!
اسلام اي دين جا وارث ولي!
اسلام اي سنڌ جا رهبر لطيف!

اسلام اي شاعرِ آتش نوا!
اسلام اي واقفِ فطرت لطيف!
اسلام اي صاحبِ فضل و ڪمال!
اسلام اي حاملِ عظمت لطيف!

ساقيِ فياض چشمِ فيض ڪڻ!
بادۂ عرفان جو ساغر ڀر لطيف!
تنهنجو ميخانو سدا قائم هجي،
تنهنجي وٺيو ويٺا آهيون ڀر لطيف!

تنهنجي هستي تي ادب کي ناز آهه،
تنهنجي هستي آهه لاثاني لطيف!
رومي ۽ حافظ ٿو سڏجين سنڌ ۾،
شــعرَ جا بهــزاد ۽ مــاني لطيف!

تون ئي آهين عارفِ پارس نگاه،
دل جي ڪٿ کي سون خالص ڪر لطيف
ڏي امــان ۽ دولتِ ايــمان ڏي،
هاتفِ عاصي جي جهولي ڀر لطيف!

(١٩٥٩)

## هوتن ريءَ هفتو

جُمع جانبن سان اکيون اتکيون،
پلارن پلي ڏينهن پلايون کيون،
پرين پرت جا پيچ پُختا وڌا،
محبت جون من منجهه ميخون کُتيون.

سوين ٻولَ ٻانهيءَ سان ڀڳڻ ٻڌا،
سيئي سگ سياکا سي چنچر چنا،
الائي ڪتان اهڙو وريو ڪو واءُ،
ذرو ڪين زابرَ جڏيءَ وٽ جتيا.

مون پانيو ته آچر تي ايندا ضرور،
ڏکيءَ کي اچي ڏڍ ڏيندا ضرور،
وري پرت پيالا پيارينداپاڻ،
وري محب سان ميلا تيندا ضرور.

اُڏايام ڪوڙين ڪبوتر ڪلاب،
مُکو ڪونه سومر تي سهٽن جواب،
ڪي خاطوءَ نيا خط، ڪي پانڌيءَ پيام،
اُنهن جو الائي تيو چا حساب؟

اڳاري تي اکيون بنهه بيقرار،
عجيبن اچڻ جون اُميدون اپار،
گهڙي کانءَ گوندر ۾ گهاري تئي،
الائي کڏهن تيندا پيڙا پتار؟

اندر ۾ تي اربع تي ڏادي اُداس،
پرين جي پسڻ جي هئي پلپل پياس،
ڪُچي کائنلي کان روئي گهڻو،
وکوڙي ويو ويسليءَ کي وماس.

اُميدن پري آئي آهي خميس،
متان اڄ اچن منهنجا نازک نفيس،
اگڻ کي اکين سان بهاريان پئي،
اجهو تا نوازين خادم خسيس.

(١٩٦٢)

# وڇوڙي جو ورق

فضائون اڄ وري آهن خماريون،
نئين انداز سان آيون بهاريون،
پيارڻ ۾ پيئڻ جا ڏينهن آيا،
هلي آ پاڻ هڪ ٻئي کي پياريون.

وري رنگين آهي بزمِ گلشن،
وري گردش ۾ آيو ساغرِ گل،
وري جهومڻ لڳيون مستيءَ ۾ شاخون،
وري ڇيڙيا سُريلا گيت بلبل.

وري گردش ۾ آيو ابرِ رحمت،
وري هر دشت ٿيو رشڪِ گلستان،
وري ويرانين جو موت آيو،
وري ٿيا غيرتِ جنت بيابان.

وري ڪئي مشڪ بيزي زلفِ سنبل،
وري نرگس کي بينائي ملي وئي،
وري مرڪڻ سکيو ريحان وسوسن،
وري ڪلين کي رعنائي ملي وئي.

اجهو! باد، صبا پيغام اندو
وري مرڪي ملڻ جا ڏينهن آيا،
اجهو قمرين وري چيڙيا ترانا،
وڇوڙي جي وڃڻ جا ڏينهن آيا.

چمن وارن ته سيني سان لڳايون،
گلن جي ويس ۾ ڳاڙهيون ڪنواريون،
رڳو مان نامراد آهيان اڪيلو،
اوهان واڳون ورڻ واريون نه واريون.

گهڻئي بزم ِ چمن رنگين آهي،
سڄڻ توکان سوا بي رنگ، بي ڪيف،
زمانو وصل جا پيو گيت ڳائي،
مگر حيف آهه منهنجي بخت کي حيف!

اتي زنده رهڻ جو لطف ڪهڙو؟
جتي تنهنجو رخِ خندان نه آهي،
بهارن جو تبسم ڪهڙي ڪم جو؟
بهارن ۾ به دل شادان نه آهي،

هلي آ گهوٽ هي گوندر جون گهڙيون،
عروس ِ دل الائي ڪيئن گذاريون!
وڇوڙي جو ورائي ورق جاني،
پيارا اچ پراڻا قول پاريون.

نـظـر جي مي هجي ۽ ڏل جو سـاغر،
پوءِ سهڻا سـائين ٻي دنيا وسـاريون.
وري اڄ قرب جون ڪي چار گهڙيون،
زمـاني ڪـان تي بيگـانا گـذاريـون.

(۲۸ آگسٽ ۱۹٦۲)

# هاڻ ديريون نہ ڪر

مـونکـي اهڙي سدا سهڻي محبوب جي هئي تلاش،
حـسـن جي عظمتن جو ڪـو اعليٰ نمـونو هـجي:
جنهن جي آغوش جون نرميون برگ ِگل کان گداز
جنهن جي نازڪ خراميءَ تي باد ِصبا کـي بہ ناز:
جنهن جي هڪڙي جهلڪ چشم ِفطرت کي تسڪين ڏئي:
توکـي ڳـولي لڌو مـنهنجي ذوق ِنظر،
هاڻ ديريون نہ ڪر! هاڻ ديريون نہ ڪر!

آءُ هـاڻـي تہ آهـن بـهـارون بہ سـامـائـيـون،
نرگـس ولالہ و گـل بہ جـوين جـي نـشي ۾ چُـور،
تون جوان، مان جوان، تنهنجون منهنجون اُمنگون جوان،
آرزوئـون، تـمـنـائـون، آسـون، امـيـدون جـوان،
پوءِ سـهـڻـا سـچ ڪـيئن تو ايڏو رهـين ڏُور ڏَور!
اچ ڪريون عهد ِرنگين کي رنگين تر،
هاڻ ديريون نہ ڪر ! هاڻ ديريون نہ ڪر!

اچ عجب شوخ شنگ آهي ڪـلين جي دوشيزگـي،
اچ مـگـن مـست آهـي نسيم ِسـحـر جـو خـرام،
اچ هـي ريحان، سـوسـن، سـمـن، نسترن، ياسـمن،
سـاري اهل ِ چمـن جئن خـوشي ۾ نہ پيا مـاپـجـن،
اچ سـنـدئي راهہ ۾ بـيـنـا آهـن بہ صد اهـتـمـام
رنگ و بُـو جـا سـوين قافلا مـنتظـر،
هاڻ ديريون نہ ڪر! هاڻ ديريون نہ ڪر!

هــونءَ تہ هــن شــهــر ۾ حــســن وارا ڪَئين تا رهــن،
چنڊ جــن تي تــو مَــرڪــي انهن جي ٻہ ناهي ڪمي،
جــي گــلابن جي رعــنائين جــو سبب، ســي گهــٽا،
پر دل ِ راز ڪــمــبخت ڪي چا ڪــريــان، تــو ســوا
ڪــنهن حسين، مه جبين، ناز نين تي ٽڪي ئي نٿي:
بس اسان سان ٻہ ڪــي پرت جا پير پــر،
هاڻ ديريون نہ ڪرا هاڻ ديريون نہ ڪرا

اڄ اڇڻ جي اٿئي منڊ، منڊائتي مينهن وانگي اڄ،
دل جي تــر بــر تي الفت مــحبت جي پالوٽ ڪــر،
پاڻ ســان آڻ ڪــي زندگــانيءَ جــون شــادابــيون،
۽ مــونکي پنهنجي آغوش جــون بخش آســودگــيون،
مــون ڪــان جــاليا نتا تين فرقت جــا شــام و ســحــر:
هاڻ هــيڏانهن ٻہ ٿئي ڪــا ڪــرم نظرا
هاڻ ديريون نہ ڪرا هاڻ ديريون نہ ڪرا

اڄ تہ جڳ جڳ ۾ گڏجي جئڻ جاڪريون ويهي قول،
اڄ تہ ڪــي پــرت جــا پــيــار جــا پيچ پختا وجهون،
اڄ تہ دنياءَ عــشــق و مــحــبت ســنواريــون سـڄڻ!
اڄ شبِ زندگــي ياڪــرن ۾ گــذاريــون ســجــڻ،
توسان ڪرٽيون اتم قرب جون ڪئين ڳجهيون ڳالهيون:
۽ حياتي جون گهڙيون بنهہ مــخــتــصــر،
هاڻ ديريون نہ ڪرا هاڻ ديريون نہ ڪرا

(۱۸ آگسٽ ۱۹٦۸)

# لاهور

لاهور منهنجو شهر عديم المثال شهر،
لاهور حسن ذوق جو آهي ڪمال شهر.
لاهور سرو و سوسن و سُنبل سمن جو شهر،
لاهور صد بهار چمن در چمن جو شهر
لاهور موتين جو گلابن جو شهر آهه،
لاهور رنگ و بُو جو، شرابن جو شهر آهه.
لاهور آهه حسن جي شهزادين جو شهر،
لاهور دلبرين جو ۽ دلشادين جو شهر.
لاهور جنهن ۾ حسن جا درياءَ تا وهن،
لاهور جنهن ۾ عشق جا بادل گجن وسن.
لاهور جنهن ۾ حسن جي فرمانروائي آهه،
لاهور جنهن ۾ عشق جي قسمت سوائي آهه.
لاهور جنهن ۾ عشق کي آسودگيون ملن،
لاهور جنهن ۾ حسن کي سو بندگيون ملن.
هت هر طرف کان مست اکين کان ملن پيام،
مٺڙن چپن جي مُرڪ جي بخشش ته عام جام.
هت اکڙين جي مئي جا پيالا پيڻ ثواب،
ڪنهن جي نگاهه ناز سان ڪُسجي وڃڻ ثواب.

هت عاشقن کان دل نہ کسڻ آهہ هڪ گناهہ،
۽ دلبرن کي دل نہ ڏيڻ آهہ هڪ گناهہ.
لاهورين جي تيغ ادا واهہ واهہ!
جڏانهن ڪر نگاهہ تہ قتلام عام آهہ.
جن کي جُهڪي جُهڪي تيون بهارون بہ ڪن سلام،
گلبرگ مارڪيٽ ۾ گهمنديون وتن مدام.
هڪ پاسي لالہ فام تہ ٻئي پاسي گلبدن،
هت ڏيئي هت ۾ ڪيئن نہ تيون تولا ڪري تلن.
هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ ڪيئي دليون وانگيو وجن،
جي موتئي جا ٻانهن ۾ گجرا وجهيو گهمن.
شايد هي آهہ شهر جي آب و هوا جو رنگ،
اڏڙوٽ هوندي مائي مگر هوندي شوخ شنگ.

(٢)

لاهور بيشڪ آهہ پرستانِ عرضِ پاڪ،
پر پاڻ کي تہ تنهنجي گهٽيءَ جي وڻي ٿي خاڪ.
سا خاڪ جيڪا آئون اکين ۾ ڪنيون وتان،
سا خاڪ جيڪا پنهنجي جبين سان چميو چمان.
سا خاڪ جنهن ۾ خاڪ شفا جون نشانيون،
سا خاڪ جنهن کي درد جو دارون ڪري پيون.
سا خاڪ جنهن جو اوج ستارن کان متيرو،
هر ذرو جنهن جو غيرتِ صد آفتاب ٿيو.

سا خاڪ جيڪا سينڌ ۾ پائي سهاڳڻيون،
پنهنجي پرين جي پرت جون ڳائين ڳالهيون.
لاهور منهنجو شهر عديم المثال شهر،
پر تو سوا گهڙي به گذارڻ لڳي تي زهر.
هت جنهن ڪي ڏس سو پنهنجي پرين ڪي وٺيو گهمي،
مون ڪي سنڌئي فراق جو غم ڪائيندو وڃي.
هن شهر ۾ اڪيلو گذارڻ عذاب آهه،
اي سهڻا سائين! تنهنجي ضرورت شتاب آهه.
اي دوست! تون نه آهين ته لاهور جون گليون،
جهڙيون پري بهار ۾ ڪوماٽيل ڪليون.

(١٩٤٢)

# ڏورانهون سفر
(گرامي صاحبَ جي وڇوڙي تي)

"ڪئنبيرا"[1] ۾ بهارن جي رُت،
چوطرف رنگ ۽ رعنائي جا انبار ئي هوندا آهن،
منهنجي آڳنڌ ۾ گلابن جا گل،
شوخ محبوب جي مکڙي وانگي،
ٽهڪندا ٽهڪندا رهندا آهن.
بلبلون، قمريون چيها ۽ چتون،
منهنجي رشوان[2] ۽ صفوان[3] جيان
ڇهڪندا ڇهڪندا رهندا آهن.
ڪئنبيرا ۾ بهارن جي رٿ،
آئون هڪ صبح جو چرڪي جو اُٿيس،
مون کي بي نور لڳو صبح بهار،
منهنجي آڳنڌ ۾ گلابن جا گل،
اهڙا بي رنگ لڳم جهڙيون جوان بيواهون.
بلبلين قمرين، چيهن ۽ چتن
حسب معمول پئي ٻوليون ٻوليون،
پر عجب رنج ۽ غم سان سرشار!

---

١ هي نظم ڪئنبيرا (آسٽريليا) ۾ گرامي صاحبَ جي موت جو اطلاع ملڻ تي لکيو ويو

٣،٢ رشوان ۽ صفوان منهنجا پُٽَ آهن.

ڪئنبيرا ۾ بهارن جي رُت
اهڙي افسرده ڪڏهن ڪانہ ڏٺم،
اهڙي غم ناڪ سمان ۾ مون ڪي محسوس ٿيو.
منهنجو پنهنجو، ڪو بنهہ پنهنجو، گراميءَ جهڙو
اهڙي ڏورانهين سفر سنيبو آهہ،
نہ جِتان ڪو وري موٽيو، نہ خبر آئي، نہ خواب،
جانَ ڏٺم دل ڏي تہ هڪ آهہ ڪري
غم جي اوڙاهہ ۾ تي غرق وئي.

# سهرا

ٻڌا آهن امين* گلفام و گلبو گلبدن سهرا
ڪٽي چئجي ٻڌا شان ِچمن،جان ِچمن سهرا.

رُخِ تابان تي بيتاب و پريشان تا تين سهرا،
ڪنهن تا رقص ڪن سهرا، ڪنهن ڦتڪن لُڇن سهرا.

جناب ِطالب المولىٰ مبارڪ جو ٻڌا آهن،
سندئي نور ِنظر، لخت،جگر، سيمي بدن سهرا.

امين ِمهه جبين و مهه وش و مهرو مهه ِڪامل!
سندئي رُخ تي بلاشڪ تان ٿهن جلوه فگن سهرا.

زمين آسمان هر چيز تي وئي نور بار آهي،
رُخِ انور تي آهن ضوفشان ۽ ضوفگن سهرا.

ڪجي ڇا وصف سهرن جي نزاڪت ۽ نفاست جي،
رخِ محبوب تي اهڙا ئي سهڻا تا سونهن سهرا.

هِنن جي دلبري وهه وهه، هِنن جي دلڪشي وهه وهه،
نه ڪنهن اهڙا ڏٺا سهرا نه ڪنهن ڪي تا سُجهن سهرا.

لکي شبير آيا ڪيئي استادِ سخن سهرا،
مگر آهن بلاشڪ تنهنجا جانِ انجمن سهرا.

* مخدوم امين فهيم جي وهانءَ تي چيل ١٩٥٧

## مخدوم جميل الزمان جي شاديءَ ۾ سهري جي طرحي مشاعري لاءِ لکيل

جنهن جي وجاهتن ۾ نشانيون امين١ جون،
جيڪو مثالِ حسنِ محمد زمان٢ آهه،

جنهن ۾ مهِ تمام جا اُهڃاڻ تا ملن،
سو پيڪرِ جمال جميل الزمان آهه.

مهتاب جهڙو مکڙو ان تي حجاب سهرا،
ناياب آهه نوشهءَ لاجواب سهرا.

سوسن، سمن، بنفشه، نرگس، گلاب سهرا،
صد موسمِ بهاران جو هڪ جواب سهرا.

حَسنين کي ٻڌايا جي بو تراب سهرا،
آندم اهي ئي تو لئي عزت مآب سهرا.

تارن ڪتين مان پوئي اهلِ فلڪ اماڻيا،
هي بي مثال سهرا، هي لاجواب سهرا.

ارض و سما ۾ آهن شاديون ءُ شادمانيون،
حورون پريون ٿيون ڳائن اڄ بي حساب سهرا.

حافظ هجي يا جامي، صائب هجي يا سعدي،
سيني جي شاعري جو لبِ لباب سهرا.

١ـ مخدوم محمد امين فهيم
٢ـ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

ڏيکاري توکي مولا شل تنهنجي زندگي ۾،
پوٽن جا ڪيئي پوٽا، تن جا جناب[٢]! سهرا.

جهڙو جميل سهڻو اهڙا اکر پئي ڳوليم،
آواز ھاتفي ۾ آيا شتاب سھرا.

چڑ و چڑ

# ڪافي

قرب ڪٺل دل پارا پارا توتان صدقي صدقي صدقي
لک پيرا آءُ پريم پيارا توتان صدقي صدقي صدقي

چوڙي چڏين جي چيڪ چتن کي،
ونگ وجهن هوند واتهڙن کي،
روز هزارين تين ويچارا، توتان صدقي صدقي صدقي

جن ملائڪ، حورون غلمان،
حسن تنهنجي تي هر دم حيران،
قطب ڪتيون سج چنڊ ۽ تارا، توتان صدقي صدقي صدقي.

راتون ڏينهان راهون نهاريان،
پلپل ويئي پرت پچاريان،
نت وهن تا نيڻن نارا، توتان صدقي صدقي صدقي

ڪيفي ڪاريون ڪجليون اکڙيون،
آهن ڏاڍيون ڏاهيون ڏِنگڙيون،
ڪن تيون مشتاقن تي مارا، توتان صدقي صدقي صدقي

يار شبير ڏي موڙ مهارون،
نڪريو ڪريان نرت نهاريون،
نرمل تنهنجا نوري نظارا، توتان صدقي صدقي صدقي

۱۹۵۵

## بيت

ساعت ڪين سَري، ساجن سوريتين ڪي؛
فرقت ڦٽي آهيان، چاڪن ڪِيس چري،
هتڙو رک هيٺيءَ تي، وارث وَرَا! وري؛
ويندس محب مري، تہ سهٽا سارينديں گهٽو

(۱۳ سيپٽمبر ۱۹۵۸ - حيدرآباد)

## پيام عيد

ساقي پيار باده ڪشن کي ڪو جامِ عيد،
مدت کان رند رهندا اچن تشنہ ڪامِ عيد.

گل گل ڪِليوءَ نغمہ سرا بلبلون تيون،
آندو جڏهن نسيمِ بهاران پيامِ عيد.

سينن کي چيري خون سان سينگاريئون چمن،
اهڙو گلن ڪڏهن نہ ڪيو اهتمامِ عيد.

جي يادِ يار ۾ غمِ هجران هجي تہ پوءِ،
هر روز روزِ عيد ۾ هر شام شامِ عيد.

(۱۹۵۸ حيدرآباد

# غزل

گـلبـدن جـيـسـيـن پـرده دار نـہ هـو،
بـاغ مـنـت كـش ِ بـهـار نہ هـو.

آئـون ڏسـنـدو رهـيـس ۽ دل ويـئـي،
مـونـکـي پـنـهـنـجـن تـي اختيار نہ هو.

(۱۹۵۸)

سلام اي غم ِعشق! تنهنجي ئي صدقي،
سدا دل ۾ هـوليون، اکـين ۾ ڏيـاريون.

سـيـنہ گـل جـو حـشـر چـا هـونـدو!
هـئـي نـگـاه ِ بـهـار تـيـر انـداز.

لڙکن جا ڀي تي موتي، زخمن جا ڀي تي گل،
گيسوءِ شب ِزيست جو سينگار کياسون.

(۱۹٦٢)

جيسين منهنجي عادت جرم ِوفا زنده رهي،
پل سندئي مشق ِستم، رسم ِجفا زنده رهي.

(۱۹۹۰)

تنهنجي چهري کي چمي تو سج اُياريان ۽ ڪتيان زلفن ۾ رات،
صبح منهنجو صبحِ عيد آهي تہ منهنجي رات آهي شب برات.

مون تہ پنهنجي عُمرِ خضري ان مٿي محبوب جي نالي ڪئي،
جنهن جي نيڻن جو شراب آهي مريض عشق لئي آب حيات.

(١٦ مارچ ١٩٨٠)
لنڊن Playboy Club

مشقِ ستمر جي شوق سان اڄ انتها ڪجي،
بيشڪ اسان وٽان ئي ڪٿي ابتدا ڪجي.

دنيا جي چو طلب ڪجي، عقبا ڪي چا ڪجي!
بس منزلِ مراد درِ مصطفيٰ ڪجي.

سورن جا سات يار مُڪا هن پيام ساڻ،
مدت ٿي ويئي آهہ ڪا محفل بپا ڪجي.

هاتف جي هل هلان آهي هاڻي تہ آءُ پرين
سڪرات محفل ئي ڪٿي وعدو وفا ڪجي

(مارچ ١٩٩١)



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.